# سنڌ رُورَل سَپورٽ آرگنائيزيشن

## نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام

# سوشل موبلائيزيشن
# - صنف جي عملي سکيا جو نظام

## تربيت ڏيندڙن جي تربيت

7 روزه تربيتي ورڪشاپ

# Social Mobilization –
# Gender Action Learning System
# (SM-GALS)

**Training Module for**

## 7-Day Training of Trainers
## (TOT)

# سنڌ رُورَل سپورٽ آرگنائيزيشن

سمورا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ

---

نالو : سوشل موبلائيزيشن - صنف جي عملي سکيا جو نظام
موضوع : ٽريننگ مينيوئل
ترتيب ۽ تحرير : صدرالدين جتوئي
نظر ثاني :
ڇاپو : پهريون
سال : 2022
ڪمپوزنگ ۽ ڪمپيٽر لي آئوٽ :
ڇپائيندڙ سرسو- انسٽيٽيوٽ آف اِسڪل اينڊ مئنيجمينٽ ڊيولپمينٽ

هن مينيوئل جي تياريءَ ۾ ڀرپور ڪوشش ڪئي وئي آهي ته هن کي غلطين کان پاڪ رکيو وڃي، پوءِ به اڻ ڄاڻائيءَ ۾ اگر ڪا اُوڻائي رهجي وئي هجي ته ان کي ڀُل چُڪ سمجهيو وڃي ۽ اداري کي آگاهه ڪيو وڃي.

---

سرسو- انسٽيٽيوٽ آف اِسڪل اينڊ مئنيجمينٽ

سنڌ رُورَل سپورٽ آرگنائيزيشن، سکر، سنڌ

# پيش لفظ

ڪنهن به معاشري ۾ ترقي لاءِ ضروري آهي ته اتان جا فرد پاڻ ۾ منظم هجن ۽ انهن جي تنظيم سازي ٿيل هجي. تنظيم سازي ۽ سوشل موبلائيزيشن کان سواءِ ڪنهن به قسم جي منصوبا سازي کي جٽاندار اندازِ ۾ قابل عمل نه ٿو بڻائي سگهجي.

ڳوٺ ۽ پاڙي جي سطح تي تنظيم سازي ضروري آهي ۽ ان سان گڏوگڏ تنظيمن جي عهديدارن ۽ ميمبرن جي سٺي انداز ۾ تربيت پڻ لازمي آهي ته جيئن اهي تنظيم کي اثرائتي نموني سان وڌي عرصي تائين هلائي سگهن. تنظيم سازي سان گڏوگڏ ڳوناٺي سطح تي عوام ۾ سماج جي اهم مسئلن بابت آگاهي هئڻ پڻ ضروري آهي. جهڙوڪ پاڪستان ۽ سنڌ ۾ صنفي اڻ برابري هر سطح تي موجود آهي جنهن جي ڪري عورتون زندگي جي مختلف شعبن ۾ پنتي رهجي ويون آهن. ڪيترائي قانون، خاص ڪري وراثت جا ملڪي قانون پڻ صنفي اڻبرابري کي جاري رکڻ کي هٿي ڏين ٿا، جنهن تحت عورت کي وراثت ۾ گهٽ حصو ملي ٿو. ان کان سواءِ به سماجي زندگي ۾ مردن کي عورتن جي مقابلي ۾ اوليت ڏني وڃي ٿي. پاڪستان جي آئين ۾ توڙي جو جنس يا مذهب جي بنياد تي ڪوبه فرق نه رکڻ جو وعدو ڪيو ويو آهي، مگر عملي طور تي عورتن کي برابري جا حق حاصل نه آهن. ان کان علاوه ڪجھ قانون اهڙا به آهن جيڪي عورتن ۽ مردن سان مختلف قسم جو سلوڪ ڪن ٿا.

سيني شهرين کي هڪجهڙا حق ڏيارڻ لاءِ سماج جي هر طبقي کي اڳتي وڌي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. ڪميونٽي جي موجوده صنفي مسئلن کي سيني کي گڏجي سڏجي سمجهڻو پوندو. هن سڪيا ذريعي اسين تنظيم سازي ۽ سوشل موبلائيزيشن جي بنيادي اصولن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسين ۽ ان سان گڏوگڏ صنفي اڻ برابري کي ختم ڪرڻ جي طريقي ڪارن تي پڻ غور ڪنداسين ۽ عملي مشقن ذريعي عمل جوڳا منصوبا پڻ تيار ڪنداسين جيڪي اڳتي هلي خاندان جي بهتري ۽ خوشحالي آڻڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا. اميد ته هي ستن ڏينهن جي تربيت کان پوءِ هر شرڪت ڪندڙ پنهنجي پنهنجي ڳوٺ ۽ ڪميونٽي ۾ وڃي اتان جي صورتحال موجب پنهنجا پنهنجا منصوبا جوڙي انهن تي عمل ڪندو.

# تربيتي ورڪشاپ جو ايجنڊا

## پهريون ڏينهن

سيشن - 1

تعارف ۽ تربيت جي انتظام ڪاري

- تلاوت قرآن پاڪ
- تعارف
- تربيت بابت شروعاتي ڪهاڻي
- اميدون
- ورڪشاپ کان اڳ جي ٽيسٽ
- مقصد ۽ ايجنڊا
- اصول ۽ ضابطا
- منهنجو هڪ سوال

سيشن - 2

- سوشل موبلائيزيشن ڇا آهي؟
- سوشل موبلائيزيشن جا مرحلا
- ٽي -سطحي سوشل موبلائيزيشن جو ڍانچو
- ڪميونٽي جي ترقي جو طريقي ڪار
- رابطا ڪاري

# ٻيون ڏينهن

سيشن – 1

**ڪالهوڪي ڪم جو جائزو**

**سٺي حڪمراني ۽ طرز حڪمراني**

**تنظيم جي انتظام ڪاري**

**مثالي تنظيم**

**رڪارڊ رکڻ ۽ ٽيم**

**مالياتي انتظام ڪاري**

**تضاد يا جهيڙي جو خاتمو**

**جوابدهي**

**ڪاروباري ڪاميٽي جي جوڙجڪ ۽ ذميداريون**

سيشن - 2

**پيروڪاري**
**پيروڪاري جي مشق**
**پيروڪاري جا مرحلا**
**پيروڪاري مهم**
**ڪميونٽي ليڊرشپ**
**ڪميونٽي ليڊر جون ذميواريون**
**ڪميونٽي ريسورس پرسن**
**ڪيونٽي ريسورس پرسن جون ذميواريون**

# ٽيون ڏينهن

سيشن - 1

**ڪالهوڪي ڪم جو جائزو**

**ملڪي، صوبائي، ضلعي ۽ يونين ڪائونسل سطح تي صنف جي موجوده صورتحال ۽**

**پس منظر**

**پائيدار ترقياتي جا مقصد (ايس جي ڊي)**

**صنفي عمل جي سڪيا وارو نظام**

**صنفي باهمي اداري ڪي جوڙڻ**

سيشن - 2

**صنفي احساسيت**

**صنفي رويا**

**صنفي روين جو وڻ**

**صنفي برابري ۽ صنفي انصاف**

# چوٿون ڏينهن

سيشن – 1

ڪالهوڪي ڪم جو جائزو

صنفي فائدا ۽ نقصان

صنفي ترقي جو تصور

فورا عملي ضرورتون ۽ حڪمت عملي

سيشن – 2

اسان جا حق

پاڪستان جي 1973 واري آئين ۾ ڏنل حق

اسلام ۾ ڏنل حق

عورتن جي ترقي ۽ بااختيارگي لاء قومي پاليسي

# پنجون ڏينهن

سيشن – 1

ڪالهوڪي ڪم جو جائزو

مستقبل جي تصوراتي مشق

مستقبل جا خواب/منزل

صنفي برابري جو وڻ

سيشن -2

ماڻهن ڪي سماجي طور بااختيار بنائڻ لاءِ نقشي سازي

1. خواب

2. خواب ڏانهن سفر (موجوده صورتحال)

# چھون ڏينھن

سيشن - 1

ڪالھوڪي ڪم جو جائزو

3. خواب ڏانھن سفر

- مشڪلاتون ۽ موقعا

4. ھدف ۽ منزل جا نشان

سيشن -2

5. سرگرميون / عمل جو منصوبو

# ستون ڏينهن

سيشن - 1

ڪالهوڪي ڪم جو جائزو

گهٽين لين واري هاءِ وي جو روڊ ميپ ٺاهڻ

سيشن -2

تربيت بابت شرڪت ڪندڙن جي راءِ

تربيت جو جائزو

شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽن جي ورهاست

اختتامي ڳالهه

## ڏينهن : 1

## سيشن : 1

## تعارف ۽ تربيت جي انتظام ڪاري

سيشن پلان

مقصد : تربيت ڏيندڙ ۽ تربيت وٺندڙ ۽ تربيتي قائدن ڪي سمجهڻ

وقت: 10 بجي کان 1 بجي تائين

اهم نقطا:

- تلاوت قرآن پاڪ
- شرڪت ڪندڙن جو تعارف
- تربيت بابت شروعاتي ڪهاڻي
- ورڪشاپ مان اميدون
- ورڪشاپ کان اڳ جي ٽيسٽ (هن مينيول جي آخر ۾ ڏنل)
- مقصد ۽ ايجنڊا
- اصول ۽ ضابطا
- منهنجو هڪ سوال

طريقي ڪار: گروپ ورڪ ۽ ڳالهه ٻولهه

## سيشن – 2

## سوشل موبلائيزيشن ۽ ان جا مرحلا

### سيشن پلان

**مقصد** : **سوشل موبلائيزيشن بابت سمجهڻ**

**وقت: 2 بجي کان 5 بجي تائين**

**اهم نقطا:**

- **سوشل موبلائيزيشن ڇا آهي؟**
- **سوشل موبلائيزيشن جا مرحلا**
- **ٽي -سطحي سوشل موبلائيزيشن جو ڍانچو**
- **ڪميونٽي جي ترقي جو طريقي ڪار**

**طريقي ڪار: ٽرينر جي سمجهاڻي ۽ گروپ ورڪ/ڳالھ ٻولھ**

**سوشل موبلائيزيشن ڇا آهي؟**

سماجي متحرڪ ڪاري يا سوشل موبلائيزيشن مان مراد ڪميونٽي جي فردن ڪي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪري پنهنجا مسئلا ۽ ضرورتون سمجهڻ ۽ انهن جي حل لاءِ موجوده وسيلن جي استعمال ڪندي ترقي حاصل ڪرڻ آهي. اها ترقي پائدار هئڻ گهرجي ۽ ان



لاءِ نوان وسيلا ڪيئن حاصل ڪجن ۽ ڪهڙي طرح منظم ٿجي تنهن لاءِ ماهرن کان رهنمائي حاصل ڪئي ويندي آهي.

اهو ڏنو ويو آهي ته جڏهن به ماڻهن کي پنهنجون صلاحتون پنهنجي مرضي سان استعمال ڪرڻ جو موقعو ڏنو وڃي ٿو ته اهي حيرت انگيز طور تي گڏيل انداز ۾ پنهنجون پوشيده صلاحيتون استعمال ڪندي ناممڪن کي ممڪن بڻائي سگهن ٿا. سوشل موبلائيزيشن ذريعي ڪميونٽي جي فردن کي ترقي جا اهڙا پروگرام جوڙڻ لاءِ همٿايو ويندو آهي جنهن ذريعي هو مسئلن جي نشاندهي ڪن ٿا، انهن جي حل لاءِ منصوبه بندي ڪري، عمل درآمد ڪن ٿا ۽ مڪمل ٿيل منصوبن کي هلائڻ لاءِ انتظام ڪاري ۾ هٿ ونڊائين ٿا. ۽ اهو سڀ ڪجھ هڪ جمهوري انداز ۾ پنهنجي چونڊيل نمائندن ذريعي سرانجام ڏين ٿا.

## سوشل موبلائيزيشن جا فائدا

- ماڻهن کي گڏڪرڻ
- پنهنجائپ جو احساس
- ٿوري وقت ۾ موجوده وسيلن ذريعي گڏجي مسئلن جو حل ڪرڻ

## سوشل موبلائيزيشن جا مرحلا

سوشل موبلائيزيشن جا عام طور تي چار مرحلا ٿين ٿا:

1. شعور اجاگر ڪرڻ
2. احساس ڏيارڻ
3. ذهن نشين ڪرائڻ
4. منظم ٿيڻ

### 1. شعور اجاگر ڪرڻ

ڳوناٽي سطح تي عوام ۾ شعور پيدا ڪرڻ ته گڏيل طور تي ترقي جي عمل ۾ شامل ٿيڻ انهن جي پنهنجي ترقي لاءِ لازم آهي.

### 2. احساس ڏيارڻ


ماڻهن کي اهو احساس ڏيارڻ ته گڏيل طور تي ٻڌي وسيلي هو پنهجن مسئلن کي سني نموني سان حل ڪري ترقي ڪري سگهن ٿا.

### 3. ذهن نشين ڪرائڻ

ماڻهن کي اهو احساس ڏيارڻ ته گڏيل طورتي ايڪي جي ذريعي هو پنهنجي مسئلن کي بهتر انداز سان حل ڪري  ترقي ڪري سگهن ٿا.

### 3. منظم ٿيڻ

هي سماجي تحريڪ جو آخري مرحلو آهي، جنهن ۾ مقامي ماڻهو ترقي جي راهه ۾ شامل ٿي ڪنهن تنظيم هيٺ منظم ٿي ويندا آهن.




ٽي -سطحي سوشل موبلائيزيشن جو ڍانچو

سوشل موبلائيزيشن لاءِ ٽي سطحي ڍانچي جو هجڻ ضروري آهي:

1. پاڙي جي تنظيم يا ڪميونٽي آرگنائيزيشن (عورتن جي تنظيم ۽ مردن جي تنظيم)
2. پاڙن جون تنظيمون پنهنجي ڳوٺ جي سطح تي ٺهيل وليج آرگنائيزيشن ۾ منظم هجن
3. ڳوٺن جون تنظيمون وري يونين ڪائونسل سطح تي جوڙيل مقامي معاون تنظيم يا ايل ايس او ۾ شامل هجن

## ڪميونٽي جي ترقي جو طريقي ڪار

ڪميونٽي جي ترقي جا بنيادي طور تي ٽي طريقي ڪار آهن:

1. روايتي طريقي ڪار
2. نمائندگي طريقي ڪار
3. شراڪتي طريقي ڪار

### 1. روايتي طريقي ڪار

ان طريقي ڪار ۾ اهڙي ترقي لاءِ ڪم ڪيو ويندو آهي جنهن ڪي حڪومت ۽ ان ڪاتي پنهنجي ڪم طور اختيار ڪيو هجي. ان طريقي ڪار موجب ضرورتن/مشڪلاتن جي نشاندهي، منصوبا سازي، منصوبن تي عمل درآمد ۽ سار سنڀال لاءِ فيصلي ڪرڻ جو اختيار حڪومت ۽ ان جي ادارن ڪي هوندو آهي. منصوبن ڪي مڪمل ڪرڻ لاءِ وسيلا به حڪومت ئي مهيا ڪندي آهي. مقامي ماڻهن جو ان ۾ ڪو ڪردار ڪونه هوندو آهي.

### 2. نمائندگي طريقي ڪار

ان طريقي ڪار موجب ترقي جي منصوبن جي نشاندهي عوام پاران چونديل نمائندن يعني قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جي ميمبرن، لوڪل ڪائونسلرن ذريعي ڪئي ويندي آهي. انهن منصوبن تي عمل درآمد حڪومت جي مختلف ادارن ذريعي ٿيندو آهي.

### 3. شراڪتي طريقي ڪار

ان طريقي ڪار ۾ ڪنهنه به ترقياتي ڪم جي شروع ٿيڻ ڪان وني ختم ٿيڻ تائين جيڪي به فيصلا ٿيندا آهن، انهن ۾ مقامي ماڻهو شامل هوندا آهن. اهي

انفرادي ۽ اجتماعي مسئلن جي حل لاءِ پاڻ ۾ تعاون ۽ عمل ڪرڻ جو طريقي ڪار طيءِ ڪندا آهن، جنهن تحت ذميوارين جي ورهاست ٿيندي آهي. اهي گڏيل فائدا حاصل ڪرڻ، انفرادي ۽ اجتماعي وسيلن کي گڏ ڪندي ان جو تجزيو ڪري مسئلن جي منصوبابندي ڪندا آهن.

هن طريقي ڪار ۾ چار بنيادي اصول هوندا آهن: خودمختياري، خود انتظامي، خودذميدار ۽ خود انحصاري

رابطا ڪاري

رابطا ڪاري مان مراد ڳالھ ٻولھ، لکڻ پڙھڻ ۽ اشارن ذريعي خيالن، احساسن ۽ ڄاڻ جي ڏي وٺ.

رابطا ڪاري لاءِ گھٽ ۾ گھٽ ھڪ فرد پيغام موڪليندڙ ھوندو آھي، ۽ ٻيو وٺندڙ ھوندو آھي. اھو ايترو به آسان ڪونھي، پر اصل ۾ اھو ڪافي پيچيدو عمل آھي. ان رابطا ڪاري ۾ ڪيترين ئي رڪاوٽون اچي سگھن ٿيون.

ھڪ موثر رابطا ڪاري ۾ ھيٺيون رڪاوٽون اچي سگھن ٿيون:

1. علم/معلومات، 2. دلچسپي، 3. اختيارات/عھدا، 4. ظاھري شخصيت، 5. اصلي شخصيت، 6. زبان، 7. ٻڌڻ، 8. ٻيون رڪاوٽون.

موثر رابطي جا مقصد:

- ٻاھريون خدمتون حاصل ڪرڻ
- تنظيم کي اجاگر يا متعارف ڪرائڻ
- مالي وسيلا حاصل ڪرڻ
- نئين ڄاڻ حاصل ڪرڻ
- فني مھارتون حاصل ڪرڻ
- ماڻھن جي مختلف شعبن ۾ مختصر وقت جي تربيت لاءِ
- تربيت ۽ رھنمائي يا مالي سھڪار حاصل ڪرڻ

## ڏينھن_2

سيشن - 1

<u>سوشل موبلائيزيشن ۽ تنظيم سازي</u>

کالھوکي ڪم جو جائزو

- شرڪت ڪندڙن مان ڪو به گذريل ڏينھن ۾ سکيل معلومات جو مختصر تفصيل ٻڌائيندو

<u>سيشن پلان</u>

: تربيت ڏيندڙ ڪي سوشل موبلائيزيشن ۽ ان سان لاڳاپيل تنظيم سازي بابت ڄاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 10 بجي ڪان 1 بجي تائين

اھم نقطا:

- سٺي حڪمراني ۽ طرز حڪمراني
- تنظيم جي انتظام ڪاري
- مثالي تنظيم
- رڪارڊ رکڻ ۽ ٽيم
- مالياتي انتظام ڪاري
- تضاد يا جھيڙي جو خاتمو
- جوابدھي
- ڪاروباري ڪاميٽي جي جوڙجڪ ۽ ذميداريون

طريقي ڪار: تربيت ڏيندڙ جي سمجھاڻي ۽ گروپ ڳالھ ٻولھ

**سٺي حڪمراني ۽ طرز حڪمراني ڇا آهي؟**

**سٺي حڪمراني لاءِ ضروري آهي ته مقامي ماڻهن جي راءِ شامل هجي ۽ هر فيصلو**



**جمهوري انداز ۾ ڪيو وڃي. مقامي سطح تي عوام پنهنجي پنهنجي تنظيمن ۾ منظم هجن ۽ انهن جو پاڻ ۾ مضبوط رابطو هجي. اهڙي طرح ضلعي، صوبائي ۽ ملڪ سطح تي انهن تنظيمن جو هڪجهڙي تنظيمن سان رابطو هجي ته جيئن ملڪي سطح جي مسئلن کي سٺي نموني سان حل ڪري سگهجي.**

**تنظيم جي انتظام ڪاري**

**ڪنهن به علائقي يا ڪميونٽي جي اڪثريت گڏجي ڪري، پنهنجي مدد پاڻ جي اصول تحت، هڪ ضابطي مطابق پنهنجي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ ۽ علائقي جي ترقي لاءِ ملي ڪري ڪم ڪرڻ لاءِ ڪا تنظيم جوڙي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ اسان چئي سگهون ٿا ته ڪا تنظيم ڪنهن به پاڙي، ڳوٺ جي**

ماڻهن جو هڪ منظم گروهه آهي، جيڪو گڏجي سڏجي ويهي پنهنجي علائقي جي ترقي لاءِ ويچار ڪري ٿو ۽ عملي قدم کڻي ٿو.

- تنظيم جو انتظامي ڍانچو ۽ ذميداريون

تنظيم جي هڪ اهڙي پاليسي تيار ڪئي ويندي آهي ته جيئن ترقياتي عمل جا فائدا ان علائقي جي هر فرد تائين آساني سان پهچي سگهن. ڪنهن به موثر تنظيم ۾ هيٺيون خاصيتون هجڻ ضروري آهن:

1. تنظيم جو ڪو مول متو (مشن ۽ ويزن) هجي.
2. تنظيم جي ميمبرن جي ذهن ۾ مستقبل جي بهتر معاشري جي هڪ تصوير هجي.
3. منصوبن جا مقصد طيءِ ڪيل وقت اندر حاصل ٿين.
4. تنظيمي قيادت آس پاس جي سماجي ۽ اقتصادي حالتن تي گهري نظر رکندي ڪمن جي حڪمت عملي ترتيب ڏيندي هجي.
5. تنظيم باقائده رجسٽرڊ هجي.
6. تنظيم بين مقامي، قومي ۽ بين الاقوامي تنظيمن سان تعلقات جوڙي.

**انتظامي ڍانچو:**

مقامي سطح جي تنظيم ۾ هيٺيون انتظامي ڍانچو هجڻ لازمي آهي:

- **جنرل باڊي**

  هي سيني ميمبرن تي مشتمل اهم ادارو آهي جيڪو تنظيم جي تشڪيل لاءِ گهربل قانون سازي، آئين جوڙڻ، ان کي هلائڻ لاءِ پاليسي جوڙڻ، پيسي جي ڏيت ليت، بجيٽ ناهي پيش ڪرڻ ۽ اهم ٻيا اهم انتظامي فيصلا ڪرڻ جا اختيار رکي ٿي. ان جي مهيني ۾ گهٽ گهٽ هڪ دفعو گڏجاڻي گهرائڻ ضروري آهي. هر ميمبر کي

ماهوار في ڏيڍي پوندي آهي، جيڪا باقائدگي سان جمع ڪرڻ گهرجي.

- **گورننگ يا انتظامي ڪميٽي**

جنرل باڊي هڪ انتظامي ڪميٽي جي چونڊ ڪندي آهي جيڪا تنظيم جي حڪمت عملي طيءِ ڪرڻ ۽ ان تي عمل درآمد ڪرڻ جي ذميوار هوندي اهي. اها تنظيم ڪي هلائڻ لاءِ چوندڻ ذريعي منتخب ڪئي ويندي آهي، جنهن جو مدو هڪ سال يا ٻه سال هوندو آهي. ان ۾ گهٽ ۾ گهٽ هينيان اهلڪار هوندا آهن:

1. صدر
2. نائب صدر
3. جنرل سيڪريٽري
4. جوائنٽ سيڪريٽري
5. خزانچي
6. آفيس سيڪريٽري يا مينيجر

ان کان علاوه 5 يا 7 ڄڻن جي هڪ ڪميٽي ٻه هوندي آهي جيڪا انتظامي ڪمن ۾ مٿين اهلڪارن جي مدد ڪندي آهي.

- اجلاس
  - تنظيم جو اجلاس هر مهيني باقائدگي سان ٿيندو آهي.
  - سيڪريٽري جنرل اجلاس جي ڪاروائي هلائيندو آهي ۽ صدر يا نائب صدر اجلاس جي صدارت ڪندو آهي. انهن

ٻنهي جي غير موجودگي ۾ گورننگ باڊي جو ڪوبه هڪ رڪن اجلاس جي صدارت ڪري سگهي ٿو.

- پليڪار ۽ دعا/تلاوت ڪان پوءِ سيڪريٽري طيءِ ڪيل ايجنڊا ميمبرن کي پڙهي ٻڌائيندو ۽ اجلاس ۾ شرڪت ڪندڙن کي ڪوبه ٻيو معاملو ايجنڊا ۾ شامل ڪرڻ جي دعوت پڻ ڏيندو آهي.
- سڀئي ميمبر ايجنڊا جي منظوري ڏيندا آهن.
- گذريل اجلاس جي ڪاروائي جا منٽ پڙهي ٻڌايا ويندا آهن ۽ ڪيل فيصلن تي عمل درآمد بابت شرڪت ڪندڙن کي آگاهه ڪيو ويندو آهي.
- گذريل ڪاروائي ۾ ڪي اوڻايون يا غلطيون رهجي ويديون آهن ته انهن کي صحيح ڪيو ويندو آهي.
- گذريل فيصلن کي منظوري يا منٽن کي منظور ڪيو ويندو آهي.
- گڏجاڻي ايجنڊا جي هر پوائنٽ تي الڳ الڳ بحث ڪري ان تي فيصلا ڪري نوٽ ڪيا ويندا آهن.
- آخر ۾ سڀني ڪيل فيصلن کي ورجائي شرڪت ڪندڙن جي منظوري ورتي ويندي آهي.
- ايندڙ گڏجاڻي جي تاريخ ۽ وقت مقرر ڪري صدر کي درخواست ڪبي آهي ته پنهنجي راءِ ڏئي گڏجاڻي ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري.
- جنرل سيڪريٽري شڪريو ادا ڪري گڏجاڻي جو اختتام ڪندو آهي.



- مثالي تنظيم
  - هڪ مثالي تنظيم لاءِ ضروري آهي ته اها تنظيمن ڪي رجسٽر ڪرڻ واري ڪنهن به ملڪي يا صوبائي قانون تحت رجسٽرڊ هجي.
  - هن جو هڪ لکت ۾ آئين هوندو آهي، جيڪو جنرل باڊي جوڙيندي ۽ منظور ڪندي آهي ۽ اهو آئين رجسٽريشن جي اداري وٽ پڻ پيش ڪيو ويندو آهي.
  - هن تنظيم وٽ لک پڙه جو سمورو رڪارڊ آهي.
  - ان جي گڏجاڻي باقائدگي سان هر مهيني ٿيندي آهي.
  - ان جي گڏجاڻي جي ڪاروائي سيڪريٽري هلائيندو آهي ان جوائنٽ سيڪريٽري يا آفيس سيڪريٽري گڏجاڻي جا منٽ نوٽ ڪندو رهندو آهي. ڪاروائي جو رجسٽر ٺاهيو ويندو آهي ۽ سڀني ميمبرن جي راءِ ڪي لکبو آهي.
  - سڀني ميمبرن جي راءِ جو احترام ڪيو ويندو آهي ۽ هر ڪنهن کي ڳالهائڻ جو پورو پورو موقعو ڏنو ويندو آهي.

- تنظيم جي ڪيل ڪمن بابت معلومات سڀني ميمبرن کي ڏني ويندي آهي.
- عهديدارن جي چونڊ آئين موجب مقرر مدت ۽ تاريخ تي ڪئي ويندي آهي.
- علائقي جي حڪومتي ادارن ۽ ان جي اهلڪارن سان مضبوط رابطا رکيا آهن ۽ هو به گهربل اطلاع پهچائيندا رهندا آهن. جڏهن ته سرڪاري ادارا تنظيم جي ڪارڪنن کي وقت بوقت گڏجاڻين ۾ حصو وٺڻ جي دعوت ڏيندا رهندا آهن.
- تنظيم جا سڀ ميمبر وقت تي في جمع ڪرائيندا رهندا آهن.
- تنظيم جي سڀني ميمبرن کي ميمبرشپ ڪارڊ سالانا بنياد تي جاري ڪيا وينداآهن.
- تنظيم پنهنجا اڪائونٽ باقائدگي سان هر سال آڊٽ ڪرائيندي رهندي آهي.
- تنظيم جي هڪ آفيس هوندي آهي، جتي تنظيم جي ڪارڪردگي ۽ ان جي سرگرمين جون رپورٽون موجود هونديون آهن ۽ انهن جون تصويرون پڻ نوٽيس بورڊ تي لڳل هونديون آهن.

- تنظيم جو سڄو رڪارڊ ۽ آڊٽ رپورٽون آفيس ۾ موجود



هونديون آهن.

- رڪارڊ رکڻ ۽ ٽيم

آفيس جي ٽيم جي ذميداري آهي ته هيٺيان ضروري رڪارڊ رکن.

- ڪاروائي جو رجسٽر
- ميمبر شپ في جو رجسٽر
- ڪيش بوڪ
- ليجر
- وزٽ رجسٽر
- آمد ۽ روانگي رجسٽر
- سرگرمين جو رجسٽر
- اسٽاڪ رجسٽر
- ليٽر فائيل
- ميمبرشپ فارم جو فائيل

- ووچر فائیل
- لیٹر پیڈ
- رسید بوک
- پریس کٹنگ فائیل
- رپورٹ فائیل

## مالياتي انتظام ڪاري

مالياتي انتظام ڪاري ڪنهن بہ تنظيم جي مالي وسيلن، سرگرمين ڪي اڪائونٽس جي ڪتاب ۾ تحرير ڪرڻ ڪي چئبو آهي. هن ۾ منصوبه بندي، تنظيم جو عملدرآمد پلان، رپورٽ ٺاهڻ، نگراني ۽ جائزو شامل هوندو آهي.



## مالياتي انتظام ڪاري ۾ استعمال ٿيندڙ ڪجهہ اهم اصطلاحون

آمدني: ڪنهن بہ اداري يا ماڻهو وٽ جيڪا دولت جي آمد ٿئي ان ڪي آمدني چئبو آهي، پوءِ اها ڪيش ۽ ڪنهن شيءِ جي صورت ۾ هجي.

اثاثا: اهڙيون شيون جيڪي مالياتي سال کان وڌيڪ عرصو اداري وٽ موجود رهن ته ان ڪي اثاثا چئبو آهي، جيئن زمين، عمارت، دفتري سامان ۽ فرنيچر وغيره.

ليجر: هيءَ هڪ اهڙو اڪائونٽس جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ مختلف خرچن ۽ آمدني جا الڳ الڳ کاتا ٺاهيا ويندا آهن ۽ هر هڪ کاتي جو بيلنس لکيو ويندو آهي.

کاتو: مالياتي ڏيتي ليتي جي موضوع مطابق الڳ الڳ لکت کاتو چئبو آهي.

بچت: جڏهن ڪوبه شخص يا ادارو ڪجھ رقم بچائي رکي ٿو ته جيئن وقت ضرورت ڪم اچي سگهي ان کي بچت چئبو آهي.

پوسٽنگ: روزاني جي حساب ڪتاب کي مختلف کاتن ڏانهن منتقلي کي پوسٽنگ چئبو آهي.

ڏيتي ليتي: ٻن ماڻهن يا ٻن ادارن جي وچ ۾ رقم جي بدلي شين يا ڪم ڏيڻ وٺڻ کي ڏيتي ليتي چئبو آهي.

خرچ: شين ۽ ڪم وٺڻ جي بدلي ڏنل رقم کي خرچ چئبو آهي.

منافعو: جڏهن به ڪا تنظيم يا ماڻهو ڪا سيڙپ ڪندو آهي تہ ان تي ٿيندڙ فائدي يا واڌ کي منافعو چئبو آهي.

چيڪ بوڪ: هڪ اهڙو بوڪ جيڪو بينڪ طرفان هر کاتيدار کي اڪائونٽ کولائڻ کان پوءِ ڏنو ويندو آهي، هنجا 2 حصا هوندا آهن. هڪ کاتيدار وٽ هوندو آهي ۽ ٻيو بينڪ ۾ جمع ٿيندو آهي، جنهن جي بدلي ۾ رقم وصول يا منتقل ٿيندي آهي. هن جا مخصوص تعداد ۾ صفحا هوندا، انهن صفحن کي چيڪ چئبو آهي. بينڪ ڪجھ رقم وٺي چيڪ بوڪ ڏئي ٿي.

ڪيش بوڪ: هي هڪ اهڙو اڪائونٽس جو ڪتاب آهي، جنهن ۾ ڪنهن اداري جي مڪمل آمدني ۽ خرچ روزانا بنياد تي داخل ڪيو ويندو آهي. هڪ پاسي تي خرچ ۽ ٻئي پاسي تي آمدني جا تفصيل لکيا ويندا آهن.

ووچر: اهڙو تحريري ثبوت جيڪو ڏيتي ليتي جي داخلا ۾ مدد ڪري ان کي ووچر چئبو آهي.

ڪيش ميمو/بل/انوائس: هيءَ هڪ اهڙو دستاويز آهي، جنهن ۾ ورتل شين، ورتل ڪم ۽ ان جي قيمت متعلق تفصيل لکيو ويندو آهي، جيڪو ڏيڻ وارو

وڻڻ واري کي جاري ڪندو آهي. ڪيش ميمو، بل يا انوائيس ۾ اهو فرق هوندو آهي تہ ڪيش ميمو نقد ادائگي وقت ورتو ويندو آهي ۽جڏهن ته بل/ انوائيس جي ادائگي بعد ۾ ڪئي ويندي.

رسيد: رقم يا ڪا شيءِ وٺڻ وارو ڏيڻ واري کي لکت ۾ رسيد جاري ڪندو آهي، جنهن ۾ تاريخ، ادائگي ۽ وصول ڪندڙ

اداري جو نالو، شيءِ يا ڪم جو نالو، تاريخ، ادائگي ۽ وصول ڪندڙ شخص/اداري جي صحيح/ٺپو، رقم جي صورت ۾ صاف صاف رقم جو تفصيل، وصول يا ادائگي جو سبب لکيل هوندو آهي.




تضاد يا جهيڙي جو خاتمو

تضاد يا جهيڙو ڇا آهي؟

هن به ٻن فردن يا ان کان وڌيڪ گروهہ ۾ نظرين، خيالن، تصورن، سوچ ۽ مفادن ۾ هڪجهڙائي نه ٿيڻ جي عمل کي تضاد چئبو آهي. تضاد ۽ جهيڙا انساني زندگيءَ جيان گهڻا پراڻا آهن، ڇون ته زندگيءَ ۾ هر طرح جا لاها چاڙها اندا آهن، ۽ ان دوران اهڙو به وقت ايندو آهي، جڏهن انسان جي سوچ

مختلف هوندي آهي، جنهن مان تضاد، اختلاف ۽ جهيڙا جنم وٺندا آهن. ان لاءِ ضروري آهي ته اختلاف/جهيڙي جو سبب سمجهيو وڃي. جيڪڏهن اهو تضاد يا اختلاف فرد پاڻ سنڀالي نه سگهن تو اهي فردن مان نڪري گروهن يا معاشري تائين ڦهلجي وڃي ٿو جنهن سبب فردن جي جان، مال ۽ عزت خطري ۾ پئجيو وڃي ٿي.

تضادن جا ڪارڻ

1. غلط بياني، 2. عزت جي نالي تي، 3. غلط فيصلا، 4. انصاف نه ملڻ سبب، 5. حق تلفي، 6. اختلاف راءِ

سدباب

1. صبر ۽ تحمل
2. مثبت سوچ
3. اتفاق ۽ ٻڌي
4. شعور
5. سٺي تربيت
6. انصاف
7. ٻين جي راءِ جو احترام

جوابدهي

ان مان مراد اهي سيئي ماڻهو جيڪي فيصلي سازي جي عمل ۾ شامل هجن، پنهنجي اختيارن جي حوالي سان باقي تنظيم /ڪميونٽي جي ميمبرن کي جوابده هجن.

كاروباري ڪاميٽي جي جوڙجڪ ۽ ذميداريون

هي تنظيم جو اهم ادارو آهي، جنهن جي چونڊ جنرل باڊي ڪندي آهي، هن جي رڪنن جو تعداد گهٽ ۾ گهٽ ڪري اڪي عدد ۾ هوندو آهي، جنهن ۾ گهٽو ڪري 6 عهديدار ۽ باقي ميمبر هوندا آهن. هن ڪميٽي جو ڪم تنظيم جي حڪمت عملي طئي ڪرڻ، ان تي عملدرآمد ڪرڻ ۽ سرگرمين پٽاندر فيصلا ڪرڻ هوندو آهي. گهٽو ڪري مهيني ۾ هڪ دفعو هن ڪميٽي جي گڏجاڻي ٿيندي آهي.

ذميداريون:

- هن ڪميٽي جي ذميدارين ۾ تنظيم جي جوڙيل آئين ۽ اصولن تي عمل درآمد ڪرائڻ آهي.
- مقرر وقت اندر حدف پورا ڪرڻ ۽ انهن جون رپورٽون تيار ڪرڻ.
- شفاف مالياتي انتظام ڪرڻ .
- پورو رڪارڊ ۽ دستاويزي ثبوت رکڻ.
- چڪاس ۽ جائزي جي نظام تي عمل درآمد ڪرائڻ.
- ماهانه، ٽي ماهي ۽ ساليانو رپورٽون تيار ڪرائڻ.
- اڪائونٽن جي وقت سر باقائدگي سان آڊٽ ڪرائڻ.

## سيشن – 2

## كاروباري كميٽي – پيروڪاري

### سيشن پلان

مقصد : تربيت ڏيندڙ کي ڪاروباري ڪميٽي ۽ پيروڪاري بابت ڄاڻ ڏيڻ

وقت: 2 بجي کان 5 بجي تائين

اهم نقطا:

- پيروڪاري
- پيروڪاري جي مشق
- پيروڪاري جا مرحلا
- پيروڪاري مهم ڪميونٽي ليڊرشپ
- ڪميونٽي ليڊر جون ذميواريون
- ڪميونٽي ريسورس پرسن
- ڪيونٽي ريسورس پرسن جون ذميواريون

طريقي ڪار: ٽرينر جي سمجهاڻي ۽ گروپ ڳالهه ٻولهه



پيرو ڪاري

پيروڪاري مان مراد هڪ مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ وسيع بنيادن تي ڪوششون ڪرڻ، ڪنهن پاليسيءَ تي اثرانداز ٿيڻ، تبديليءَ جي ڪوشش لاءِ وسيلن جي فراهمي کي يقيني بڻائڻ ۽ ٻين سماجي ۽ سياسي سرگرمين کي ترتيب ڏيڻ آهي.

پيروڪاري جي مشق

پيروڪاريءَ جا طريقا

| | |
|---|---|
| • روبرو ملاقاتون<br>• خط پٽ لکڻ<br>• ڳالهيون ٻولهيون<br>• سڌ سماءَ جا ذريعا<br>• اتساهڻ<br>• مباحثا ۽ تقريرون<br>• پوسٽر ۽ ڪتاب | • نيٽ ورڪنگ ۽ اتحاد ٺاهڻ<br>• احتجاج ۽ مظاهرا<br>• عوامي مفادن لاءِ قانوني ڪوششون |

## پيروڪاريءَ جا چار اهم نقطا

1. اوهان پنهنجي دنيا جي ڳولا پاڻ ڪريو
2. اهڙا ماڻهو ڳوليو جيڪي اوهان سان گڏ هلي سگهن
3. سڀني ماڻهن سان برابريءَ جي بنياد تي هلو
4. پنهنجو پاڻ ۾ دليل بازي ڪرڻ جي صلاحيت هجڻ

## پيروڪاري جا مرحلا

1. سچي ڳالهه ٻڌڻ بعد مسئلي کي واضح ڪريو. جيڪڏهن مسئلو پيچيده نوعيت جو آهي ته ان کي مختلف حصن ۾ ورهائي، اوليتي بنيادن تي ورهايو.
2. مسئلي جي حل جي امڪانن، مدي ۽ بهترين حل تي غور ڪريو.
3. مسئلي، امڪانن ۽ اثرن جي شعور ڪانپوءِ جيڪڏهن معاملي جي پيروڪاري ڪرڻ چاهيو ٿا ته اميل کان هدايتون وٺو.
4. ان ڳالهه جو جائزو وٺو ته اميل پاڻ ڇا ٿو ڪري سگهي ۽ ان کي ڪهڙي قسم جي مدد گهربل آهي ياد رکو ته اميل جو خود ڪجهه ڪرڻ ئي بهترين حل آهي.
5. سمورا معاملا طيءِ ٿيڻ بعد اميل کي ڪجهه ڪمن جي ذميواري سونپيو.
6. ڪجهه اهم ڳالهيون

(الف) دستاويز جي فوٽو ڪاپي ساڻ رکو، ڪڏهن به اصل دستاويز نه کڻو.

(ب) حل جي ضمانت نه ڏيو.

(ج) آخري حل تجويز نہ ڪريو، ڇو تہ اهو ڪنهن جٿاءُ دار تعلق ۾ ايندڙ عارضي تعطل ٿي سگهي ٿو.

(د) مسيحا بنجڻ جي ڪوشش نہ ڪريو.



پيروڪاري مهم :

مثال طور- جبري پورهيي وارو معاملو

اپاءَ:

ان لاءِ پهرين اوهان کي مسئلي کي نقشي تي ظاهر ڪرڻو پوندو: انهن آبادين، علائقن کي ڳولڻو پوندو، جتي جبري پورهيت ملن ٿا.
ڪيترا ماڻهو جبري پورهيتن طور ڪم ڪري رهيا آهن؟
انهن جو واسطو ڪهڙين ذاتين ۽ نسلي گروپن سان آهي؟
ان جا شروع ڪندڙ ڪير آهن؟
جڏهن مسئلي جي پيماني ۽ هنڌ جو واضح تعين ٿي وڃي، پوءِ اوهان کي مسئلي جي سببن ۽ اثرن جي باري ۾ تفصيلي ڄاڻ گڏ ڪرڻي پوندو.
اهي ڪهڙا سبب آهن، جن جي ڪري ماڻهو پيشگي رقم (اوڌر) وٺن ٿا؟
جيڪڏهن انهن کي موقعو ملي ته ڇا هو معاوضي عيوض ڪم ڪندآ؟
مسئلي جي حوالي سان اهو ضروري آهي ته اوهان کي خبر هجي ته:


- ڪير متاثر ٿيو؟

- ڪير وڌيڪ متاثر ٿيو؟
- ڪنهن جو نقصان ٿيو ۽ ڪهڙو نقصان ٿيو؟
- ڪنهن کي فائدو آهي ۽ ڪهڙي طريقي جو فائدو آهي؟
- مسئلي جا نتيجا ڪهڙا نڪرندا؟

............... ماڻهو وڌيڪ متاثر ٿيندا

............... خاندان وڌيڪ متاثر ٿيندا

............... سماج وڌيڪ متاثر ٿيندو



**ڪميونٽي ليڊرشپ ڇا آهي؟**

**ڪميونٽي ليڊرشپ مان مراد ڪنهن به شخص جي اهڙي مهارت، خوبي ۽ خاصيت جيڪا ڪنهن گروپ يا قوم جي اڳواڻي ڪري ته جيئن طيءِ ٿيل مقصد حاصل ڪري سگهن.**

**ڪميونٽي ليڊر جون خوبيون ۽ مهارتون**

- پنهنجي ڪم تي عبور رکڻ
- ذاتي لياقت جو هجڻ
- فيصلي ڪرڻ جي قوت جو هجڻ
- نوان خيال ۽ نوان تجربا ڪرڻ جي صلاحيت جو هجڻ
- ٻين جو احساس ڪرڻ
- گڏ ڪم ڪندڙ ساٿين جي همت افزائي ڪرڻ
- ٻئي جي نقطه نظر کي سمجهڻ
- انصاف پسند هئڻ
- تنظيم جي مقصدن سان وفادار هئڻ
- سيکارڻ جي صلاحيت هئڻ
- بهترين تعلقات رکڻ جي صلاحيت هئڻ
- ٻين سان اثرائتو رابطو رکڻ
- ذهني، جسماني، سگهه جو هجڻ
- سهپ،صبر ۽ اعتدال پسند هئڻ
- احتساب لاءِ تيار رهڻ
- غير معتصب هجڻ ۽ ٻين تي ساڙ نه ڪرڻ
- انفراديت جي همت افزائي

## ڪميونٽي ليڊر جون ذميواريون

- پابندي سان اليڪشن منعقد ڪرائڻ
- واضح حدف يا مقصدن جو تعين حاصل ڪرڻ
- تنظيمي ساٿين کي آماده ڪرڻ ۽ تحرڪ پيدا ڪرڻ
- ڪميونٽي جي سيني گروپن کي شريڪ ڪرڻ
- ڪميونٽي جي ضرورتن کي مدنظر رکڻ
- پابندي سان گڏجاڻين جو انعقاد ڪرڻ
- فنڊز گڏ ڪرڻ ۽ انهن جو صحيح استعمال ڪرڻ
- شفاف مالياتي نظام رکڻ

- سرگرمين جي منصوبه بندي ڪرڻ ۽ حدف ڏيڻ
- سرگرمين جي رٿابندي، نگراني، جائزو ۽ تجزيو ڪرڻ
- ڪميونٽي کي باخبر رکڻ
- ٻاهرين ادارن سان رابطا پيدا ڪرڻ
- ٻاهرين پروگرامن ۾ تنظيم جي نمائندگي ڪرڻ
- عورتن جي لاءِ خصوصي پروگرام ترتيب ڏيڻ

ڪميونٽي ريسورس پرسن

هر هڪ تجربيڪار رضاڪار هوندو آهي، جيڪو پنهنجي قابليت کي استعمال ڪندي ڪميونٽي کي علائقي جي فلاح لاءِ متحرڪ ڪندو آهي. اهڙا ماڻهو ڳوٺ يا محلي جي تنظيم جا باقائده ميمبر هوندا آهن. انهن ۾ ڪميونٽي کي منتظم رکڻ ۽ ٻين ميمبرن کي تربيت ڏيڻ جي صلاحيت هوندي آهي. اهي سماجي آگاهي ڦهلائڻ ۽ رابطا رکڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندا آهن.

ڪميونٽي ريسورس پرسن لاءِ هيٺيان معيار گهرجن.

- اهو فعال ميمبر هجي
- ان جي تنظيم ۾ شامل ٿين سان معاشي حالتون بهتر ٿين
- بحيثيت ڪميونٽي ريسورس پرسن جي نه رڳو پنهنجي ڳوٺ ۾ بلڪه پرپاسي جي ڳوٺن ۾ پڻ ڪم ڪرڻ لاءِ تيار هجي.

ڪميونٽي ريسورس پرسن جون ذميواريون

- علائقي جي تنظيمن سان مسلسل رابطي ۾ رهي

- ڪمزور تنظيمن جي صلاحيتن کي وڌائڻ لاءِ ڪم ڪري
- علائقي جي تنظيمن جا اجلاس منعقد ڪرائڻ لاءِ مدد مهيا ڪري
- بچت وڌائڻ لاءِ تنظيمن کي مشورا ڏيڻ ۽ ان بچت کي استعمال کي فائدي مند بنائڻ لاءِ طريقي ڪار جي وضاحت ڪرڻ ۾ مدد ڪري
- تنظيم ۾ ميمبرن جي ڳٽپ کي وڌائڻ ۾ مدد ڪري
- نئين تنظيمن جوڙڻ لاءِ تنظيم سازي ڪري
- تنظيمن جا رڪارڊ مرتب ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪري
- محلي، ڳوٺ ۽ يونين ڪائونسل سطح جي منصوبابندي ۾ مدد فراهم ڪري
- تربيتي پروگرام ترتيب ڏئي

## ڏينهن_3

سيشن - 1

<u>صنف</u>

<u>سيشن پلان</u>

: تربيت وٺندڙن کي صنف جي صورتحال ۽ ان جي مختلف پاسن بابت ڄاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 10بجي کان 1 بجي تائين

اهم نقطا:

- ملڪي، صوبائي، ضلعي ۽ يونين ڪائونسل سطح تي صنف جي موجوده صورتحال ۽ پس منظر
- پائيدار ترقياتي جا مقصد (ايس جي ڊي)
- صنفي عمل جي سکيا وارو نظام
- صنفي باهمي اداري کي جوڙڻ

طريقي ڪار: ٽرينر جي سمجهاڻي ۽ گروپ ڳالهه ٻولهه

**ڪالهوڪي ڪم جو جائزو**

**شرڪت ڪندڙن مان ڪو به گذريل ڏينهن ۾ سکيل معلومات جو مختصر تفصيل ٻڌائيندو**

**ملڪي، صوبائي، ضلعي ۽ يونين ڪائونسل سطح تي صنف جي موجوده صورتحال ۽ پس منظر**



**پاڪستان جي آئين مطابق هر شهري کي هڪجهڙا حق حاصل آهن، مگر پاڪستان ۾ اسلامي قانون ۽ قبائلي قانون پڻ لاڳو ڪيا وڃن ٿا، جنهن سبب جنس جي بنياد تي عورتن سان مت ڀيد جا واقعا ٿين ٿا. جنهن سبب عورتن تي تشدد، ننڍ پڻ جي شادي، قبائلي متا سٽا جي شادي، غيرت جي نالي تي قتل وغيره جهڙن عملن کي مڪمل طور تي ڏوهه طور تسليم نه ڪيو ويندو آهي.**

معاشري ۾ وراثت جا حق ۽ زمين جي ملڪيت سميت، عورتن جي آئيني حقن کي مڪمل طور تي تسليم نہ ڪيو ويندو آهي .

انهن سبب ڪري پاڪستان ۾ عورتون وڏي پيماني تي صنفي بنيادن تي تشدد جو شڪار پڻ ٿين ٿيون. هون ۽ ته تعليم جون سهولتون ٻهراڙين توڙي شهرن ۾ اڳ ئي گهٽ آهن، پر غربت سبب مائٽ نياڻين جي مقابلي ۾ پٽن جي تعليم تي وڌيڪ توجهه ڏين ٿا. جڏهن ته کاڌ خوراڪ ۾ پڻ پٽن کي اوليت ڏني ويندي آهي.

پاڪستان ۾ خانداني منصوبہ بندي جي معياري خدمتن تائين مسلسل پهچ جي پڻ کوٽ آهي. انهن سببن ڪري پاڪستاني سماج ۾ عورتن جي ترقي ڏکڻ ايشيا جي ٻين ملڪن کان بہ پوئتي پيل آهي. ملڪ جي ترقيءَ ۾ عورتون اوترو ڪردار ادا نہ ڪري سگهيون آهن، جيترو مرد ادا ڪندا آهن.

سنڌ جي ٻهراڙي جي علائقن ۾ صورتحال ڪا مختلف نه آهي جنهن سبب عورتون وڌيڪ ڏکي زندگي گذاري رهيون آهن. خاص طور تي سنڌ جي اترين علائقن ۾ عورتون غربت، قرض جي غلامي، جبري پورهي جي غلامي، جبري شادين، ننڍ پڻ جي شادين، گهريلو تشدد، بدسلوڪي ۽ غذائي کوٽ جو شڪار آهن. انهن کي صحت ۽ تعليم جي سهولتن کان بہ محروم رکيو ويجي ٿو ۽ معاشي ۽ سياسي موقعن کان بہ پري رکيو وڃي ٿو. غيرت جي نالي تي عورتن جي قتل جا ڪيترائي واقعا رپورٽ ٿين ٿا.

مقامي سطح تي عورتون زرعي پيداوار ۽ جانورن پالڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. تنهن هوندي بہ، گهر جي معيشت ۾ عورتن جي هٿ ونڊائڻ کي اڪثر گهٽ قدر سان ڏٺو وڃي ٿو يا نظرانداز ڪيو ويندو آهي ۽ ان جي بدران انهن کي پاڪستاني سماج ۾ شامل صنفي ادارن جي بنياد تي زالن ۽ مائرن جي حيثيت ۾ وڌيڪ سارهيو ويندو آهي.

زمينن جي ملڪيت جيئن ته مردن جي نالي تي هوندي آهي تنهن ڪري ڪين عام طور تي گهرن جي سربراهن جي طور تي ڄاتو وڃي ٿو. ان مردانه تصور جي ڪري عورتن جي پورهئي ۾ شراڪت جي گهٽتائي يا اڻڄاڻائي سبب انهن جي ملڪي پورهئي ۾ حصو گهٽ ڄاڻايو وڃي ٿو.

## پائيدار ترقياتي جا مقصد (ايس جي ڊي)




1992 ۾ برازيل جي شهر ريو ڊي جنيريو ۾ عالمي ڌرتي (ماحولياتي) ڪانفرنس ڪان پوءِ اقوام متحده جي 178 ملڪن گڏجي ايڪهين صدي جي دنيا لاءِ "ايجنڊا -21" نالي سان هڪ گهڻ رخومنصوبو جوڙيو. بعد ۾ سال 2000 ڌاري امريڪا جي شهر نيو يارڪ ۾ هزارساله (ملينيم) ڪانفرنس برپا ٿي جنهن ۾ دنيا جي سيني ملڪن شرڪت ڪئي ۽ دنيا ۾ ترقي طرف تکڙا قدم کڻڻ لاءِ تجويزون ڏنيون ۽ هڪ گڏيل لائحه عمل ترتيب ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڏنو.

ان موقعي تي دنيا جي ملڪن هزارساله (ملينيم) ترقياتي مقصد (گولز) منظور ڪيا جن جو مقصد سال 2015 تائين دنيا مان انتهائي غربت کي گهٽائڻ هئو.

سن 2012 ۾ ٻيهر برازيل جي شهر ريو ڊي جنيريو ۾ هڪ ٻيو اجلاس منعقد ٿيو. اها اقوام متحده تحت هڪ بين الاقوامي پائيدار ترقي جي موضوع تي هڪ اهم ڪانفرنس هئي. جنهن ۾ هزار ساله ترقياتي مقصد مان حاصل ڪيل نتيجن جي روشني ۾ پائيدار ترقياتي مقصدن کي جوڙڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پاڪستان سميت ڪيترا ئي ملڪ هزار ساله ترقياتي مقصد ۾ ڪا خاص اڳيرائي نه ڪري سگهيا هئا ان ڪري ترقي پذير ملڪن جي صورتحال کي اڳيان رکي اهي نوان پائيدار ترقي جا نوا مقصد جوڙڻ جي ضرورت تي زور ڏنو ويو.

اهڙي طرح اقوام متحده جي ترقياتي پروگرام جي طرفان 2015 ۾ پائيدار ترقياتي جا17 مقصد ( گول) جوڙي ۽ منظور ڪيا ويا. انهن مقصدن ذريعي سال 2030 تائين عام ماڻهن ۽ ڌرتي گولي لاءِ پائدار امن ۽ خوشحالي حاصل ڪرڻ آهي.

پائيدار ترقي جا ڪل سترهن مقصد (گول) آهن، جيڪي هيٺين ريت آهن:

1. غربت جو خاتمو،
2. بک جو خاتمو،
3. سٺي صحت ۽ تندرستي،
4. معياري تعليم،
5. صنفي برابري،
6. صاف پاڻي ۽ صفائي،
7. گهٽ خرچ ۽ صاف توانائي،
8. مناسب ڪم ۽ معاشي ترقي،
9. صنعت، جدت ۽ انفرااسٽرڪچر،
10. اڻ برابري کي گهٽائڻ،
11. پائيدار شهر ۽ ڪميونٽي،
12. ذميوار کپت ۽ پيداوار،
13. ماحولياتي تحفظ،

14. پاڻي اندرموجود زندگي ۽ زمين تي رهندڙ زندگي
15. امن،
16. انصاف ۽ مضبوط ادارا ۽
17. شراکت (پارٽنرشپ).

**صنفي عمل جي سکيا وارو نظام**

**پس منظر:**

**عملي سکيا ۾ هڪ اهڙي ننڍڙي گروپ کي شامل ڪيو ويندو آهي جيڪو ڪميونٽي جي حقيقي مسئلن تي وجي ڪم ڪندوآهي. سکيا ذريعي ان گروپ تي عمل ڪرڻ، فرد طور سکيا، هڪڙي ٽيم ۽ هڪڙي تنظيم جي طور تي ڪيئن ڪم ڪجي، جي سکيا ڏني ويندي آهي. اهو عمل ننڍين  تنظيمن جي ميمبرن کي تخليقي، لچڪدار ۽ ڪامياب حڪمت عملين  ذريعي مسئلن جي حل ۾ مدد ڪري ٿو.**

**اهو بااختيار بڻائڻ جو هڪ منظم طريقو آهي جنهن جو مقصد معاشي، سماجي ۽ سياسي تبديلي آهي. اهو عورتن ۽ مردن کي پنهنجي مرضي واري زندگي گذارڻ جو موقعو ڏئي ٿو ۽ صنفي انصاف جي طرف هڪ وک وڌائڻ لاءِ همٿائي  ٿو.**




**عملي سکيا ۾ پهريائين سوال ڪرڻ جي طريقو سيکاريو وجي ٿو، جنهن ۾ مسئلي جي اصل پاڙ کي معلوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وجي ٿي. ان کان پوءِ ان مسئلي کي حل ڪرڻ لاءِ چا**

ڪرڻ گهرجي ان بابت غور ڪيو وڃي ٿو ۽ اپائن جي سڃاڻپ ڪئي وڃي ٿي. سوالن ذريعي ڳوڙها ويچار ڪري مسئلن جا حل ڳولهي سگهجن ٿا.

### اهميت

صنفي عمل جي سڪيا وارو نظام هڪ اهڙو سرشتو آهي، جنهن ذريعي ڪميونٽي جي موجوده صنفي مسئلن کي پهريائين گڏجي سڏجي سمجهيو ويندو آهي ۽ ان کان پوءِ انهن کي حل ڪرڻ لاءِ صلاح مصلحت ۽ طريقي ڪار جوڙيو ويندو آهي ۽ ان لاءِ دستياب وسيلن جي سڃاڻپ ڪبي آهي. آخر ۾ ان تي عمل درآمد لاء حڪمت عملي جوڙي ۽ عمل ڪرڻ جو خاڪو تيار ڪيو ويندو آهي. ان صنفي سڪيا لاءِ ڪميونٽي جي ممبرن کي ڊرائينگن ۽ نقشن ذريعي حڪمت عملي کي چٽو پيش ڪري سمجهبو آهي.

هن طريقي ڪار ۾ روڊن جا سفر، وڻ ۽ گولائي جا نقشا ٺاهڻ شامل آهن ته جيئن ماڻهن ۽ گهرن کي انهن جي زندگين، صنفي لاڳاپن ۽ معيشت ۾ تبديلين جي منصوبابندي ڪرڻ ۽ ان جي بعد ۾ جانچ ڪرڻ جي قابل بڻائي سگهجي. ان سان گڏ انهن جي ضرورتن ۽ مفادن کي سڃاڻڻ ۽ انهن جي ضرورتن ۽ مفادن کي طاقت ور بنائڻ پڻ آهي.

صنفي عمل جي سڪيا وارو نظام هڪ ڪميونٽي جي نگراني ۾ فردن کي بااختيار بڻائڻ جو طريقو آهي، جيڪو خاندانن ۽ برادرين وچ ۾ وڏيڪ هم آهنگي ۽ تشدد کان آزاد رشتن کي فروغ ڏيڻ ۾ مددگار ثابت ٿئي ٿو. ان جو مقصد آهي ماڻهن جي مختلف گروهن جي وچ ۾ ڳنڍجڻ ۽ انهن جي وچ ۾ هم آهنگي پيدا ڪرڻ جي گڏيل نظريي کي فروغ ڏيڻ.

ان کان علاوه هن جي مقصد عورتن ۽ ڇوڪرين لاءِ جنس جي بنياد تي تشدد کان آزاد ۽ انهن جي خاندانن ۽ وسيع برادرين جي زندگين ۾ هڪ هم آهنگي وارو ماحول پيدا ڪرڻ آهي. اهو بالغن جي تعليم ۽ شراڪت داري جي طريقن جي ميدان ۾ سٺن اصولن تي ٻڌل آهي.

اهو هر انسان جي قيادت جي خوبين  کي هٿي وٺرائي ٿو ۽ عورتن ۽ مردن (ڪميونٽي ۽ تنظيمن ۾) انهن جي طاقت، ذميوارين، ۽ تعاون جي نشاندهي ڪرڻ ۾ مدد ڪري ٿو. اهو شرڪت ڪندڙن کي انهن جي ذاتي ڪمزورين جي نشاندهي ڪرڻ ۾ پڻ مددگار آهي ۽ انهن جي ٻڌڻ جي صلاحيتن کي بهتر ڪرڻ ۽ مشق ڪرڻ  تہ جيئن اهي ٻين سان گڏ ڪم ڪيئن ڪجي سيکاري ٿو. اهو هر شريڪ رڪن کي هڪ پليٽ فارم مهيا ڪري ٿوته جيئن هوتبديلي جي عمل جي مالڪي حاصل ڪري سگهي . ان کان سواءِ ٻين  برادرين جي بهتر تصورن ۽ تبديلين کي پنهنجي ڪميونٽي ۾ لاڳو ڪرڻ لاءِ پڻ مدد فراهم ڪري ٿو.

صنفي باهمي اداري کي جوڙڻ

عورتن جي شموليت کان سواءِ ڪو بہ معاشرو يا ملڪ ترقي نه ٿو ڪري سگهي. عورتون آبادي جو اڌ حصو آهن ۽ جي اڌ حصي کي ترقي جي مرحلن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏبو ته تڪڙي ۽ موثر ترقي حاصل ڪونه ٿي سگهندي.



اسان کي معاشري اندر محنتي، جفاڪش ۽ هنرمند عورتن جي ڪابه کوٽ ڪونهي ۽ جتي به عورتن کي موقعا مليا آهن انهن پاڻ مڃايو آهي. ان کان علاوه عورتون گهرجي ڪم ڪارين کان سواءِ سلائي ۽ هٿ جي هنر ۾ ماهر هونديون آهن، انهن جي پورهئي جو قدر ڪيو وڃي ۽ جتي ضروري هجي انهن کي پورهئي جو مناسب پر برابر حصو ڏنو وڃي.

معاشري جي هر طبقي کي عورتن کي عزت ڏيڻي پوندي ۽ انهن کي اڳيان اچڻ لاءِ موقعا ڏيڻا پوندا. ان لاءِ قانون سازي پڻ ڪئي وئي آهي. پر عمل درآمد لاءِ مناسب قدم کڻڻا پوندا.

سماج جي سمورن وهنوارن ۾ عورتن جي شموليت سان گڏوگڏ انهن کي خاندان ۽ ملڪ جي اهم فيصلن ۾شامل ڪرڻو پوندو ۽ سندن راءِ جو احترام لازمي آهي.

ان لاءِ ضروري آهي ته عورتن جي تعليم تي وڌيڪ توجهه ڏجي انهن کي زندگي جي هر ونهوار ۾ حصو وٺڻ جو موقعا ڏنا وڃن. سرڪاري توڙي نجي شعبي جي نوڪرين ۾ عورتن کي به ڪم ڪرڻ جا مناسب موقعا ڏنا وڃن ۽ ان سلسلي ۾ جيڪي به رڪاوٽون نظر اچن انهن کي ختم ڪيو وڃي.

اسان جو ملڪ ترقي پذير ملڪ آهي، جتي عوام کي ڪيترائي سماجي، معاشرتي ۽ معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻو ٿو پوي. ان لاءِ ضروري آهي ته ڪميونٽي جا سڀ فرد گڏجي ڪري انهن مسئلن جا حل ڳولهين. جڏهن تنظيم جي شڪل ۾ هڪ پليٽ فارم ملندو آهي ته سڀ ملي ڪري پنهنجن حالتن، مسئلن ۽ وسيلن جو تجزيو ڪندا آهن. ان کي پوءِ حقيقي صورتحال کي سامهون رکي مسئلن جي حل طرف قدم وڌائبو آهي. مسئلن جي درجا بندي ڪري گڏيل فيصلو ڪبو آهي ته پهريائين ڪهڙن ڪهڙن مسئلن کي ترجيحي بنياد تي حل ڪرڻو آهي، ٻين کي بعد ۾ ڏسبو.

ڪنهن به سماجي اداري کي جوڙڻ لاءِ عورتن ۽ مردن کي هڪ مناسب تناسب سان شامل هئڻ ضروري آهي. ترقي جي عمل ۾ عورتن جي شموليت کان سواءِ گهربل حدف حاصل نه ٿا ڪري سگهجن. جيئن ته عورتون هڪ معاشري جو اهم جزو ٿين ٿيون ان ڪري هر تنظيمي معاملي ۾ انهن جي راءِ شامل هئڻ به ضروري آهي.

<u>سيشن – 2</u>

<u>صنف (جاري)</u>

## سيشن پلان

: تربيت ڏيندڙ کي صنف ۽ ان جي مختلف پاسن بابت ڄاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 2 بجي کان 5 بجي تائين

اهم نقطا:


- صنفي احساسيت
- صنفي رويا
- صنفي روين جو وڻ
- صنفي برابري ۽ صنفي انصاف
- رابطا ڪاري

طريقي ڪار: تربيت ڏيندڙ جي سمجهاڻي ۽ گروپ ڳالهه ٻولهه

## صنفي احساسيت

صنفي احساسيت کي سمجھڻ لاءِ پھريائين صنف ۽ جنس ۾ فرق کي سمجھڻو پوندو.

صنف ۽ جنس به مختلف تصور آهن، جيڪي اڪثر ڪري هڪ ٻئي بدران استعمال ٿيندا آهن. پر ٻنهي ۾ واضح فرق آهي. جنس مان مراد قدرت طرفان پيدا ڪيل حياتياتي وصف آهي ۽ صنف سماج طرفان مرد ۽ عورت لاءِ طئي ڪيل ذميوارين سان تعلق رکي ٿي.



صحت جي عالمي اداري طرفان جاري ڪيل وصف موجب:

صنف مان مراد آهي "عورتن ۽ مردن جي سماجي طور تي ٺاهيل خاصيتن جھڙوڪ معيار، ڪردار ۽ رشتا، عورتن ۽ مردن جي گروهن جي وچ ۾ تعلقات. صنف جومطلب هڪ سماج کان ٻئي سماج ۾ مختلف ٿي سگھي ٿو ۽ تبديل به ٿي سگھي ٿو."

جنس مان مراد آهي "نر ۽ مادي جون مختلف حياتياتي ۽ جسماني خصوصيتون، جھڙوڪ پيدائشي عضوا، ڪروموزوم، هارمونز وغيره"


وضاحت: صنف ثقافتي يا سماجي وصف آهي، جڏهن ته جنس قدرت طرفان پيدا ڪيل ۽ نه تبديل ٿيندڙ وصف آهي. سادن لفظن ۾ ايئن ڪٺي چئجي ته جنس پيدائشي طور ۽ قدرتي خاصيت هوندي آهي، جڏهن ته صنف دراصل معاشرو طيءِ ڪندو آهي.

| صنف | جنس |
|---|---|
| سماج پاران طئي ڪيل ذميواريون | حياتياتي / قدرتي |
| غير پيدائشي | پيدائشي |
| پاڻ مرادو/پنهنجو ناهيل | قدرتي |
| ثقافتي/سماجي | ڪائناتي |
| تبديل ٿي سگهندڙ | نہ تبديل ٿيندڙ |
| ڪنهن بہ ثقافت/سماج ۽ وقت سان تبديل ٿيندڙ | ڪنهن به ثقافت/سماج يا وقت سا نہ تبديل ٿيندڙ |
| مثال: عورتن اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي تہ هو اهي ڪم بہ ڪري سگهن ٿيون جيڪي عام طور تي مردن لاءِ سمجهيا وڃن ٿا | مثال: عورت ٻار ڄڻي سگهي ٿي |

صنفي رويا

- پاڪستان ۾ ڪيترائي مرد سمجهن ٿا تہ سندن عورتن جي ٻاهر وڃي ڪم ڪرڻ سان سندن بي عزتي ٿئي ٿي ۽ خاندان شرمسار ٿيندو .
- نياڻين کي تعليم ڏيارڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي ڇاڪاڻ ته انهن جي جلد ئي شادي ٿي ويندي آهي.
- عورتن کي گهر ۾ رهڻ گهرجي ۽ صرف گهر جا ڪم ڪاريون ڪرڻ گهرجن ۽ ٻارن جي سار سنڀال ڪرڻ گهرجي.
- مردن جو ڪم صرف ڪمائڻ آهي ۽ ٻارن کي سنڀالڻ انهن جي ذميواري ڪانهي.
- عورتون گهر کان ٻاهر وڃي نوڪري يا ڪو ڪاروبار نه ٿيون ڪري سگهن.
- عورتن لاءِ پردو ڪرڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ ته معاشرو خراب آهي.
- عورتون موٽر سائيڪل نه ٿيون هلائي سگهن. جڏهن ته ڏکڻ ايشيا جي کيترن ئي ملڪن ۾ نه صرف عورتون موٽرسائيڪل عام جام هلي رهيون آهي، پر اهي رڪشا، بسون ۽ ٽرين جون انجڻون پڻ هلائي رهيون آهن.
- نياڻين جي شادي جيترو جلد ڪرائي ڇڏجي اوترو ئي سنو آهي.
- عورتون گهٽ عقل هونديون آهن ان ڪري گهر جي فيصلن ۾ انهن کان صلاح وٺڻ جي ضرورت ڪانهي.
- ڪارو ڪاري جهڙن ڪيسن ۾ اڪثر عورتون ئي قتل ٿيو وڃن، جڏهن ته مرد ڪنهن ڪنهن طرح سان بچيو وڃن.

صنفي روين جو وڻ




ڪٽنب وڻن وانگر آهن - جيڪڏهن انهن مان ڀرپور ميوو ڪٽڻو آهي تہ پوءِ ان جي صحيح نموني سان پرگهور لهڻي پوندي ۽ انهن کي صحيح نموني سان سڀ معاملا هم وزن رکڻ گهرجي. وڻ وانگر جيڪڏهن ٻنهي پاسن جون پاڙون هڪ جيتريون مضبوط نہ هونديون تہ پوءِ پهرئين ئي طوفان ۾ اهو وڻ ڊهي پوندو. جيڪڏهن هڪ پاسي جو ميوو ٻئي پاسي کان وڌيڪ وزني هوندو تڏهن به وڻ ڪري پوندا آهن ۽ ايندڙ سالن ۾ انهن ۾ فصل به نه پوندو آهي.

گهرن ۾ عورتن ۽ مردن جي وچ ۾ برابري جي کوٺ سبب توازن هيٺ مٿي ٿيو وڃي، جنهن کي جيڪڏهن صحيح نه ڪبو ته اهي مسئلن جو سبب ٿيندو .

عام طور تي عورتون ۽ مرد هڪجهڙا ڪم نہ ڪندا آهن، جنهن سبب ڪٽنب جي واڌ ويجهہ لاءِ گهربل پورهيو اڻ برابر ٿئي ٿو ۽ عورتن ۽ مردن کي خوشحالي جي لاڀ ۾ هڪ جيترو فائدو نہ ٿو ٿي سگهي ۽ وڌندڙ غير پيداواري خرچن سبب ڪٽنب ڪمزور ٿيو پون ٿا.

ڪٽنب جي وڻ جو ٿڙ ان اڻ برابري سبب اڪثر ڪري هڪ يا ٻئي طرف ڏانهن جهڪي پوندو آهي . ان جو سبب ملڪيتن جي ورڇ ۾ عدم مساوات ۽ فيصلا گڏجي نه ڪرڻ ٿي سگهن ٿا.

جيڪڏهن ڪٽنب جو هر فرد ٻئي فرد جي پرواهہ ڪرڻ کان سواءِ پنهنجي راهہ تي هلي ٿو ته ان ڪري سڄو وڻ يا ڪٽنب ڪمزور ٿي وڃي ٿو. ان ڪري

ضروري آهي تہ ٽڙ جي هر پاسي تي عمل ڪندڙ قوتون ان ڪي سڌو سنئون وڌڻ ۾ مدد ڏيڻ لاء هڪجهڙائي رکن ته جيئن پاڙن ڪان شاخن تائين توانائي جو وهڪري هڪجهڙو جاري رهي سگهي.


طاقت جي عدم مساوات گهڻو وقت هئڻ ڪري وڻ ڪمزورۂ آخر ۾ مڪمل طور تي ختم به ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ياڻ بہ پاڙن ڪي ڏنو وجي پر وڻ صرف هڪ طرف جهڪندو وجي ته ان ڪي توازن وڃائڻ ضروري ٿيو پوي. مثال طور: تعليم يا تربيت صرف مردن لاءِ ئي هجي ۽ عورتن يا نياڻين ڪي ملڪيت ۾ برابري جو حصو نہ ڏنو وجي، تہ پوءِ گهراڻو چڱي انداز ۾ ترقي نه ڪري سگهندو.

صنفي برابري ۽ صنفي انصاف

<u>صنفي برابري</u>

صنفي برابري جو مطلب اهو ناهي تہ عورت ۽ مرد هڪجهڙا هجن پر ان جو مطلب آهي ته مردن ۽ عورتن ڪي هڪجهڙا حق حاصل هجن. صنفي برابري حاصل ڪرڻ لاءِ عورتن ڪي بااختيار بڻائڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن نجي ۽ سرڪاري سطح تي فيصلا سازي ۽ وسيلن تائين پهچ صرف مردن لاءِ ئي نه هجي پر عورت ۽ مرد بئي پيداواري ۽ زندگيءَ جي هرشعبي ۾ برابري جي پائيوارن جي حيثيت ۾ مڪمل طور تي حصو وني سگهن.

صنفي برابري ڪنهن به ملڪ جي ترقيءَ لاءِ تمام ضروري آهي. گلوبل جينڊر گيپ رپورٽ 2021 مطابق پاڪستان هن وقت صنفي برابري جي لحاظ کان دنيا جي پنتي پيل ملڪن ۾ شامل آهي. ان رپورٽ مطابق ڪل 156 ملڪن مان پاڪستان جو نمبر 153 هون آهي. صرف عراق، يمن ۽ افغانستان پاڪستان کان گهٽ سطح تي موجود آهن.




هن وقت پاڪستان ۾ عورتن جي ٻار پيدا ڪرڻ جي شرح 3.8 ٻار في عورت آهي، جيڪا ڪافي گهٽي آهي. ان کان علاوه عورتن تي گهريلو تشدد پڻ گهٽو ٿئي ٿو. معياري تعليم واپرائڻ، جنسي ۽ جم جي صحت جي سهولتن ۽ روزگار جي وسيلن تائين پهچڻ جي ذريعن تائين رسائي ۾ عورتن لاءِ ڪيترين ئي رڪاوٽون موجود آهن.

سنڌ ۾ عورتون مت پيد جهڙن مسئلن کي منهن ڏينديون رهن ٿيون. گهر جي سطح تي به عورتن کي اهم فيصلن ۾ شامل نه ڪيو ويندو آهي ۽ نياڻين کي به پٽن جهڙا حق حاصل نه هوندا آهن. اهي خوراڪ، تعليم ۽ صحت جي معاملن ۾ ڇوڪرن جي مقابلي ۾ پنتي پيل هونديون آهن.

## صنفي انصاف

صنفي انصاف عورتن ۽ مردن لاءِ هڪجهڙو ماحول هئڻ جو عمل آهي. صنفي انصاف کي يقيني بڻائڻ لاءِ، حڪمت عمليون ۽ تدبيرون لازمي طور تي عورتن جي تاريخي ۽ سماجي خرابين جي تلافي لاءِ موجود هجڻ گهرجن جيڪي عورتن ۽ مردن کي ٻي صورت ۾ هڪ سطح جي موقعن حاصل ڪرڻ کان روڪين ٿيون.

صنفي انصاف دراصل عادلاڻ ۽ برابري وارو ماحول هجڻ آهي، جيڪو ڪنهن معاشري جي هڪ اهم خوبي هوندي آهي. اهو عدم توازن کي ختم ڪري ٿو ۽ صنفي برابري حاصل ڪرڻ جي عمل ۾ هڪ مرحلو آهي. صنفي انصاف ذريعي غير جانبدار ۽ انصاف تي ٻڌل حالتون پيدا ڪيون وينديون آهن.هر جنس جي ماڻهن کي اهڙو انصاف جو ماحول ڏجي جنهن وسيلي اهي مڪمل ۽ صحتمند زندگي گذاري سگهن. صنفي انصاف جو مطلب آهي ته عورتن ۽ مردن لاءِ سندن لاڳاپيل ضرورتن مطابق انصاف ڪيو وڃي.

## ڏينهن_4

سيشن – 1

صنف (جاري)

<u>سيشن پلان</u>

: تربيت ڏيندڙ کي صنف ۽ ان جي مختلف پاسن بابت ڄاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 10بجي کان 1 بجي تائين

اهم نقطا:

- صنفي فائدا ۽ نقصان
- صنفي ترقي جو تصور
- فورا عملي ضرورتون ۽ حڪمت عملي

طريقي ڪار: ٽرينر جي سمجهاڻي ۽ گروپ ڳالهه ٻولهه

کالهوکي کم جو جائزو

شرکت کندڙن مان کو به گذريل ڏينهن ۾ سکيل معلومات جو مختصر تفصيل ٻڌائيندو

صنفي فائدا ۽ نقصان

صنفي ترقي جو تصور

صنف ۽ ترقي تحقيق ۽ لاڳو ڪيل مطالعي جو هڪ اهم شعبو آهي، جيڪو مختلف اثرن کي سمجهڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ لاءِ هڪ عورت-دوست حل پيش ڪري ٿو.



صنف ۽ ترقي درحقيقت ترقي ڪرڻ جو اهو خيال ۽ عمل آهي، جنهن هيٺ ترقي جي عمل ۾ حصو وٺندڙن هر انسان ڀرپور حصو وٺي ٿو.

اهو صنفي اڻ برابري کي حل ڪرڻ ۾ مردن جي ڪردار تي زور ڏئي ٿو. اهو عورتن کي بااختياربنائڻ کي اهميت ڏئي ٿو، ڇاڪاڻ جو عورتون سماجي ۽ معاشي طور تي مردن جي ڀيٽ ۾ ڪمزور هونديون آهن

اهو شعبو برابري وارو، جٽاندار، تشدد کان پاڪ، انساني حقن جو احترام ڪندڙ، پاڻ ڀرائيءَ جو حامي ۽ انساني صلاحيتن کي حقيقي بڻائڻ وارو عمل

آهي. هن عمل ذريعي بغيرڪنهن صنفي مت ڀيد جي ترقي جون منزلون طيءِ ڪري سگهجن ٿيون.

اهو عمل صنفي برابري کي هيٺئين سطح تي حاصل ڪرڻ جي ڪوشش آهي. اهو دعويٰ ڪري ٿو تہ عورتون ترقي جون سرگرم حصي دار آهن . اهو هڪ نقطو آهي جيڪو مردن ۽ عورتن جي وچ ۾ فرق جي سماجي بنياد تي توجهہ ڏئي ٿو ۽ موجوده صنفي ڪردارن ۽ رشتن کي منهن ڏيڻ جي ضرورت تي زور ڀري ٿو.

صنف ۽ ترقي جي ان خيال جي شروعات 1950ع واري ڏهاڪي کان ٿي آهي، جنهن وقت معاشي ترقيءَ جي اپياس ۾ ڦهريون پيرو عورتن کي پڻ شامل ڪيو ويو هئو.

صنف ۽ ترقي ان ڳالهہ کي سمجهڻ جي ضرورت تي زور ڏئي ٿي تہ ثقافت، حڪومت ۽ عالمگيريت جي منجهائيندڙ خيالن ۾ اهي مسئلا ڪيترا گهڻ رخا ٿي سگهن ٿا.

فورا عملي ضرورتون ۽ حڪمت عملي

موجوده سماجن ۽ ادارن ۾ مرد ۽ عورت جا ڪردار عام طور تي مختلف هوندا آهن. تنهن ڪري، انهن جون ضرورتون پڻ مختلف هونديون آهن.

عام طور تي ٻن قسمن جي صنفي ضرورتن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي: عملي ضرورتون ۽ حڪمت عملي تي ٻڌل (اسٽريٽجڪ) ضرورتون جن جو تفصيل هيٺ ڏنو ويو آهي.

**عملي صنفي ضرورتون:**

عملي صنفي ضرورتن ۾ پاڻي جي فراهمي، صحت جي سار سنڀار جي فراهمي، گهربل آمدني حاصل ڪرڻ لاءِ موقعا يا آمدني حاصل ڪرڻ، رهائش ۽ بنيادي خدمتن جي فراهمي ۽ خوراڪ جي تقسيم شامل آهي.



عملي صنفي ضرورتون انهن حقيقي حالتن جي ڪري پيدا ٿين ٿيون جنهن جو تجربو عورتون ۽ مرد ڪي سماج ۾ سندن صنفي ڪردار جي ڪري ٿيندو آهي. انهن ضرورتن جو تعلق گهڻو ڪري عورتن ڪي سندن ڪردار جهڙوڪ ماءُ، گهرواري ۽ بنيادي گهرجون پوريون ڪرڻ وارو هوندو آهي. ۽ انهن جو تعلق رهڻ سهڻ، ڪم ڪرڻ جي حالتن ۽ بنيادي گهرجن جهڙوڪ کاڌو، پاڻي، پناهه، آمدني، صحت جي سار سنڀار ۽ روزگار جي عدم ڪوٺ سان آهي. هيٺين سماجي ۽ معاشي طبقن ۾ عورتن ۽ مردن لاءِ، اهي ضرورتون اڪثر ڪري بقا جي حڪمت عملين سان جڙيل هونديون آهن.

انهن ڪي اڪيلي سر منهن ڏيڻ سان اهي عنصر برقرار رهي سگهن ٿا، جيڪي عورتن ڪي پنهنجي سماج ۾ پٺتي رکندا آهن.ان سان صنفي برابري ۾ واڌارو نه ٿو اچي سگهي.

عملي صنفي ضرورتن ۾ عام طور تي موجوده حالت ۾ انهن تائين پهچ جا مسئلا شامل هوندا آهن. عملي ضرورتون انهن حالتن مان پيدا ٿينديون آهن جيڪي عورتون ۽ مرد تجربو ڪندا آهن ڇاڪاڻ ته سماج انهن ڪي مخصوص صنفي ڪردار ادا ڪرائي ٿو.

**<u>حڪمت عملي تي ٻڌل (اسٽريٽجڪ) ضرورتون:</u>**

هي اهي ضرورتون آهن، جيڪي سماج ۾ عورتن جي مردن جي ماتحت هئڻ واري صورتحال کي ختم ڪرڻ لاءِ گهربل هونديون آهن، ۽ اهي عورتن جي بااختياريءَ سان لاڳاپيل هونديون آهن. اهي ضرورتون خاص قسم جي ان سماجي، اقتصادي ۽ سياسي منظرنامي مطابق مختلف ٿينديون آهي جنهن تحت اهي جوڙيون ويون هيون.

عام طور تي اهي برابري جي مسئلن سان تعلق رکن ٿيون، جهڙوڪ عورتن کي روزگار جا موقعا ۽ تربيت تائين هڪجهڙي پهچ حاصل ڪرڻ، ساڳئي ڪم لاءِ هڪجيترو معاوضو، زمين ۽ بين اثاثن جا حق، ڪم ڪرڻ واري جاءِ تي جنسي هراسگي کي بنجو ڏيڻ ۽ گهريلو تشدد جي روڪ ٿام، ٻار پيدا ڪرڻ بابت راءِ جي آزادي.



حڪمت عملي تي ٻڌل ضرورتن جو تعلق هڪ مخصوص سماج ۾ عورتن ۽ مردن جي هڪ ٻئي جي حيثيت سان آهي. حڪمت عملي تي ٻڌل ضرورتن ۾ فيصلا ڪرڻ واري سگهه يا وسيلن تي ڪنٽرول شامل ٿي سگهي ٿو. حڪمت عملي تي ٻڌل ضرورتن کي حل ڪندي عورتن ۽ مردن کي وڏيڪ برابري حاصل ڪرڻ ۽ موجوده صنفي ڪردار ۽ صنفي مدي خارج تصورن کي تبديل ڪرڻ ۾ مدد ملي ٿي.

| عملي ضرورتون | حڪمت عملي تي ٻڌل ضرورتون |
| --- | --- |
| فوري طور تي دلچسپي جي ضرورتون جهڙوڪ محفوظ پاڻي، | هي اهي آهن جيڪي عورتون سماج ۾ پنهنجي مردن جي ماتحت حيثيت |

| | |
|---|---|
| کاڏو، صحت جي سار سنڀار، نقد آمدني | جي ڪري پاڻ نشاندهي ڪري سگهن ٿيون |
| عورتن کي موجوده ڪم کي بهتر نموني انجام ڏيڻ جي قابل بڻائن ٿيون پر ماتحتي کي ڪونه گهٽائين ٿيون | عورتن جي ماتحتي کي گهٽائي ٿو |
| ڪم جي بار کي گهٽائن ٿيون | مردن سان مناسب سطح جي برابري حاصل ڪري سگهجي ٿي |
| عملي مسئلن جهڙوڪ صحت، خوراڪ، تربيت، آمدني وغيره تي قابو پائي سگهجي ٿو | عورتن جي حيثيت، طاقت ۽ چونڊ جي صلاحيت ۾ واڌارو |

## سيشن –2

## اسان جا حق

## سيشن پلان

: تربيت ڏيندڙ کي پاڪستاني آئين ۾ ۽ مذهب اسلام ۾ ڏنل حقن بابت ڄاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 2 بجي کان 5 بجي تائين


اهم نقطا:

- پاڪستان جي 1973 واري آئين ۾ ڏنل حق
- اسلام ۾ ڏنل حق
- عورتن جي ترقي ۽ بااختيارگي لاء قومي پاليسي

طريقي ڪار: ٽرينر جي سمجهاڻي ۽ گروپ ڳالھ ٻولھ

اسان جا حق

پاڪستان جي 1973 واري آئين ۾ ڏنل حق




1- ڪنهن شخص کي قانوني جواز کان سواءِ آزادي ۽ زندگيءَ کان محروم نہ ڪيو ويندو.

2- واضح سبب ٻڌائڻ کان سواءِ ڪنهن کي گرفتار نہ ڪيو ويندو ۽ هر شخص پنهنجي مرضيءَ سان وڪيل ڪرڻ لاءِ آزاد هوندو. ملزم کي چوويهن ڪلاڪن جي اندر ڪنهن ميجسٽريٽ جي سامهون پيش ڪيو ويندو. ثبوت حاصل ڪرڻ لاءِ ان تي ڪنهن قسم جي سختي نہ ڪئي ويندي.

3-اهڙي هر شخص کي جنهن تي ڪو فوجداري الزام هجي، بي گناهہ شمار ٿيندو، جيستائين مٿس کُلي عدالت ۾ قانون مطابق ڏوهہ ثابت نہ ٿئي ۽ ڪيس پنهنجي صفائي پيش ڪرڻ جو پورو موقعو نہ ڏنو وڃي.

4- چوڏهن سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن کي پورهيو يا ملازمت ڪرڻ جي اجازت نہ آهي. 14 سالن کي مٿي عمر وارا ٻار هلڪو ڪم ڪري سگهن ٿا،

پر انهن کان مشقت وارا ڪم يا جن ڪمن ۾ جان جو خطرو هجي نه ٿا وٺي سگهجن.

5- هر شهريءَ کي پنهجي حقن جي حاصلات لاءِ پُر امن مظاهري ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

6- هر شهريءَ کي پُر امن طريقي سان ملڻ جُلڻ ۽ جماعت قائم ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

7- هر شخص کي پنهنجي راءِ رکڻ ۽ ان کي ظاهر ڪرڻ جي آزاديءَ جو حق حاصل آهي.

8- هر شخص کي پنهنجي مذهب جي تبليغ ۽ عبادت ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

9- هر شخص کي فڪر جي آزادي، ضمير جي آزادي ۽ مذهب جي آزاديءَ جو پورو حق آهي.

10- هر انسان کي اڪيلي سِر يا ٻين سان ملي جائداد رکڻ جو حق آهي. ۽ قانوني تقاضا پورا ڪرڻ کان سواءِ ڪنهن کي انهيءَ جائداد کان محروم نٿو ڪري سگهجي

11- قانون مطابق سيني شهرين کي هڪجهڙو قانوني تحفظ حاصل آهي.

12- ڪنهن شخص کي مذهب، قوميت، جنس، پيدائشي هنڌ ۽ رهائش جي بنياد تي سروس ۾ امتياز نہ ڪيو ويندو.

12- قانون جي گهرجن کي پوري ڪرڻ کان سواءِڪنهن کي آزادي ۽ زندگيءَ کان محروم نٿو ڪري سگهجي.

13- غلامي منع آهي، ۽ ڪنهن انسان کي خريد ڪرڻ يا وڪڻڻ ۽ مٿس جبر ڪرڻ منع آهي.

14- ڪنهن شخص کان اهڙو جبري ٽيڪس نٿو وٺي سگهجي، جيڪو ٻئي مذهب جي فائدي لاءِ هجي، ڪنهن کي ٻئي جي مذهبي تعليم حاصل ڪرڻ يا سندس عقيدن تي عمل ڪرڻ لاءِ مجبور نہ ڪيو ويندو. سڀني مذهبن کي پنهنجن ادارن ۾ پنهنجي مذهبي تعليم ڏيڻ جو حق حاصل آهي.

15- سڀني شهرين کي پنهنجي زبان ۽ پنهنجي ڪلچر کي فروغ ڏيڻ لاءِ ادارو قائم ڪرڻ جي آزادي حاصل آهي.




**اسلام ۾ ڏنل حق**

- **اسلام زندگي کي گذارڻ لاءِ مرد ۽ عورت کي هڪ جهڙا حق ڏنا آهن. جهڙوڪ تعليم حاصل ڪرڻ، صحت جون سهولتون وٺڻ ۽ نڪاح ڪرڻ وغيره.**
- **قرآن پاڪ ڏاڍي وضاحت سان اها ڳالھ ڪئي بيان ڪئي آهي ته عورتون ۽ مرد پنهنجي مرضي موجب نڪاح ڪرڻ ۾ خودمختيار آهن.**
- **اهڙي طرح سان طلاق جي سلسلي ۾ مرد طلاق ڏئي سگهي ٿو ۽ عورت طلاق گهري سگهي ٿي. اگر مڙس انڪار ڪري ته زال عدالت ذريعي خلع حاصل ڪري سگهي ٿي.**
- **زندگي جي ڪجھ شعبن ۾ اهو سمجهيو ويندو آهي ته مردن کي عورتن جي مقابلي ۾ وڌيڪ حق حاصل آهن، پر ان سلسلي ۾ مردن تي ذميواريون به وڌيڪ آهن، مثال طور مرد جي ذميواري گهر جو خرچ پکو هلائڻ آهي، جڏهن ته عورت جي اها ذميدار نه آهي، مگر هو**

جيڪڏهن ڪو ڪم ڪرڻ چاهي ته ڪري سگهي ٿي ۽ مڙس جي مالي معاملن ۾ مدد ڪري سگهي ٿي.

- نڪاح جي صورت ۾ مڙس ڪي حق مهر ادا ڪرڻ جو حڪم آهي، جيڪو نڪاح نامي ۾ درج ڪري سگهجي ٿو. مگر ان کان علاوه به مڙس زال کي نقد رقم حق مهر طور ڏئي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته ان جي ڪا حد مقرر ٿيل ڪونهي.

## عورتن جي ترقي ۽ بااختيارگي لاءِ قومي پاليسي



عورتن جي ترقي ۽ بااختيارگي لاءِ قومي پاليسي سال 2002 ۾ جوڙي وئي. هن جو مقصد پاڪستاني عورتن کي ذات پات، مذهب، فرقي يا ٻين مت ڀيدن کان سواءِ زندگيءَ جي سڀني شعبن ۾، خاص ڪري سماجي، معاشي، ذاتي ۽ سياسي ۽ اسلامي طرز زندگي جي مطابق ۽ انهن جي مڪمل صلاحيت کي حاصل ڪرڻ لاءِ بااختيار بڻائڻ آهي.

هن پاليسي جا مول ۽ متا هي آهن:

- سماجي-اقتصادي ترقي جي سڀني شعبن ۾ عدم مساوات ۽ عدم توازن کي ختم ڪرڻ ۽ سڀني ترقياتي فائدن ۽ سماجي خدمتن تائين عورتن جي برابر پهچ کي يقيني بڻائڻ.
- ڪميونٽي ، سماج ۽ قومي ترقي جي فيصلي سازي واري عمل ۾ عورتن جي مڪمل شموليت کي يقيني بڻائڻ.
- سڀني سياسي عملن ۾ عورتن جي مڪمل شموليت کي يقيني بڻائڻ ۽ سڀني چونڊيل ادارن ۾ عورتن جي نمائندگي کي وڌائڻ.

- معاشي، قانوني، سياسي ۽ سماجي حقن سميت عورتن جي انساني حقن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ، خاص طور تي اقليتي عورتن، ڳوٺاڻن ۽ غريب عورتن، ڇوڪرين ۽ معذور عورتن، بزرگ عورتن ۽ ڪمزور حالتن ۽ حالتن ۾ عورتن جا حق مهيا ڪرڻ.
- عورتن ۽ ڇوڪرين کي معياري صحت جي خدمتن تائين آسان رسائي فراهم ڪرڻ ۽ مڪمل صحت، بشمول پيدائشي ۽ دماغي صحت جي ٻين سڀني شرطن تائين رسائي.
- عورتن جي تعليم جي شرح کي تيزيءَ سان ۽ ڪافي حد تائين وڌائڻ ، سڀني سطحن تي ڇوڪرين ۽ عورتن جي تعليم جي حاصلات جي سطح کي بهتر بڻائڻ (ٻنهي تعليمي ۽ پيشہ ور) صنفي فرقن کي گهٽائڻ ۽ موجوده نصاب کي صنفي طور تي حساس بڻائي ان جي ٻيهر ترتيب ڪرڻ.
- موقعن جي برابري مهيا ڪرڻ ۽ عورتن لاءِ موقعا پيدا ڪرڻ لاءِ انهن جي مڪمل صلاحيت کي حاصل ڪرڻ.

پاليسي جا رهنما اصول

- آئيني ضمانت ۽ انساني حقن بابت بين الاقوامي معاهدن تائين رسائي، ته جيئن انصاف ۽ معيار جي اسلامي اصولن کي ورجائي سگهجي.
- هر سطح تي بغير مت ڀيد ۽ صنفي برابري.
- ڏتڙيل (غريب کان غريب) کي اوليت، جنهن ۾عورتون، خاص ڪري ڳوٺن ۽ ڏوراهن علائقن ۾ رهندڙ؛ ڇوڪريون ۽ عورتون جيڪي ڪمزور صورتحالن/ حالتن ۾ رهن ٿيون.
- عورتن جي قدر ۽ سندن ڪم جي قدر جي سڃاڻپ ۽ زندگي جي سڀني شعبن ۾ سندن ڪردار جي مڃتا.

- عورتون ترقي جي عمل ۾ برابر جون ڀائيوار آهن ۽ اهي معاشي، سماجي ۽ سياسي عملن ۾ تبديليءَ لاءِ ايجنٽ جو ڪردار ادا ڪن ٿيون.
- عالمي طور تي تسليم ٿيل حق ۽ ذميواري جي بنياد تي عورتون برابري جون حقدار آهن.

## ڏينهن_5

سيشن - 1

### مستقبل جي تصوراتي مشق

### سيشن پلان

: تربيت ڏيندڙ کي مستقبل جي تصوراتي مشق بابت ڄاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 10 بجي کان 1 بجي تائين

اهم نقطا:

- مستقبل جي تصوراتي مشق
- مستقبل جا خواب/منزل
- صنفي برابري جو وڻ

طريقي ڪار: ٽرينر جي سمجهاڻي ۽ گروپ ڳالهه ٻولهه

كالهوكي ڪم جو جائزو

شرڪت ڪندڙن مان ڪو به گذريل ڏينهن ۾ سکيل معلومات جو مختصر تفصيل ٻڌائيندو



مستقبل جي تصوراتي مشق

مستقبل جي صورتحال ڪي عملي شڪل ۾ گڏيل صلاح ذريعي ڪاغذ تي چٽي ان تي عمل درآمد لاءِ تصوراتي مشقون تيار ڪرڻ گهرجن. ان لاءِ ماهرن طرفان آسان مشقون تيار ڪيون آهن، جيڪي اسان عملي طور هن تربيت دوران اڳتي هلي ڪنداسين.

مستقبل جا خواب/منزل


خواب هڪ حتمي ۽ وڏو مقصد هوندو آهي، جيڪو خواب مستقبل لاءِ معاشرو ڏسي ٿو ۽ ان جي تڪميل ۽ تعميل چاهي ٿو.

مثال جي طور تي برابريءَ جي بنياد تي تشڪيل ڏنل معاشري جو قيام يا وري بيمارين کان پاڪ علائقو، صحت جون سستيون سهولتون وغيره.

خواب لکڻ وقت قدرن جو خيال رکڻو پوي ٿو، جيئن منصفانه، قابل حصول يا وري سيني متوسط طبقن جي نمائندگي،خاص طور تي عورتن جي نمائندگي وغيره.

صنفي برابري جو وڻ

صنفي برابري واري وڻ جو مقصد انهن عدم توازنن کي چٽو ڪرڻ آهي جيڪي ڪنهن ڪٽنب جي ترقي ۽ وڌڻ ۾ رڪاوٽون بڻجن ٿيون. جيڪڏهن خاندان جو هرفرد برابر حصو ڏئي ٿو ته سڀ فرد ان مان لاڀ ماڻي سگهن ٿا. پوءِ گهريلو وڻ مضبوط جڙيل ۽ وڌن ميون سان سڌو ۽ مضبوط ٿيندو ۽ پائيدار رهندو.




صنفي برابري جو وڻ معلومات حاصل ڪرڻ جو هڪ بهترين طريقو آهي. هرڪو پنهنجي پنهنجي اصل حقيقتن (نہ ڪي مدي خارج نظرين) مطابق پنهنجي انفرادي تجزيي سان اڳتي وڌي ٿو.

هي طريقي ڪار خود شرڪت ڪندڙن پاران سنجيدگي سان عدم توازن جي مبهم اندازن جي بجاءِ صحيح مقدار جي سڃاڻپ ڪري ٿو ته جيئن ان کي قابل عمل طريقن ذريعي توازن ۾ آڻي سگهجي.

هن مشق جي اهم خوبي اها آهي ته اها نه صرف تجزيو ڪري ٿي پر شرڪت ڪندڙن کي فوري ۽ ڊگهي مدت جي عمل جي عزم جي نشاندهي پڻ ڪري ٿي. ان کان علاوه اها مشق صنفي توازن کي بهتر بنائڻ ۽ گهرجي خوشحالي کي وڌائڻ لاءِ پڻ ڪري سگهي ٿو ته جيئن خاندان جي هر فرد کي سندن پورهئي جو بهتر ۽ برابر اجورو ملي سگهجي، گهٽ خرچ سان بهتر پيداوار وٺي سگهجي، ملڪيتن جي برابري واري ورهاست ٿئي ۽ فيصلي سازي بهتر انداز سان ڪري سگهي.

هي طريقي ڪار انهن گهراڻن لاءِ ناهيو ويو آهي جن ۾ ٻنهي جنسن جا هڪ يا وڌيڪ ميمبر شامل هجن (مثلا، ماءُ -پيءُ، ٻار ۽ جتي پٽ ۽ ڌيئرون آمدني لاءِ ڪم نہ ڪري رهيا هجن پراهي اڪثر ڪري گهر جي ڪم ۾ غير مساوي طور شامل هوندا آهن) .

ان مقصد لاءِ ۽ شرڪت ڪندڙن جي اڪثريت لاءِ هن طريقي ڪار کي سادو رکيو ويندو آهي ۽ عورتن ۽ مردن جي لاڳاپن ۾ تبديلي تي ڌيان ڏيڻو پوندو.

طريقي ڪار:

- سجاڳپ ڪريو ته گهر جي ڪم ۾ سڀ کان وڌيڪ ڪير حصو وٺي ٿو؟: عورتون يا مرد
- سجاڳپ ڪريو ته ڪير گهر جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ خرچ ڪري ٿو؟: عورتون يا مرد
- سجاڳپ ڪريو ته ڪير گهريلو آمدني مان سڀ کان وڌيڪ فائدو حاصل ڪري ٿو؟: عورتون يا مرد
- مالڪي ۽ فيصلا ڪرڻ ۾ نابرابري جي سجاڳپ ڪريو
- فيصلو ڪيو تہ ڇا ڪٽنب جو وڻ متوازن آهي

- ڪتنب جي صنفي توازن کي بهتر بڻائڻ لاءِ ترجيحي پاسن جي سڃاڻپ ڪريو ته جيئن ڪتنب جو وڏ سڌو تي بينو هجي ۽ عورتن ۽ مردن لاءِ هڪجهڙو ميوو ڏئي سگهي.
- ڏسو ته ڪهڙا گهراڻا تبديلي جي بنياد تي ”صنف جي اصولن“ کي ٽوڙين ٿا.

سيشن –2

<u>نقشي سازي</u>

<u>سيشن پلان</u>

: تربيت وٺندڙن کي ماڻهن کي سماجي طور بااختيار بنائڻ لاءِ نقشي سازي
ڄاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 2 بجي کان 5 بجي تائين

اهم نقطا:

- ماڻهن کي سماجي طور بااختيار بنائڻ لاءِ نقشي سازي
- خواب
- خواب ڏانهن سفر (موجوده صورتحال)

طريقي ڪار: ٽرينر جي سمجهاڻي ۽ گروپ ڳالهه ٻولهه ۽ مش

## ماڻهن کي سماجي طور بااختيار بنائڻ لاءِ نقشي سازي

### 1.خواب

هن مرحلي ۾ حصو وٺندڙ ڊرائينگ ذريعي خوابن ۽ مستقبل جي زندگي جي مقصدن کي خيالن ۾ تصور ڪندا. هي مرحلو زندگي جي ترجيحن جو ڀيهر جائزو وٺڻ ۾ مددگار ثابت ٿيندوآهي.



ان کان علاوه، هي مرحلو فردن کي پنهنجي قوت تي يقين رکڻ، متاثر ڪرڻ ۽ انهن جي خوابن جي لاڳو ڪرڻ لاءِ پڻ استعمال ڪيو ويندو آهي. هن طريقي سان شرڪت ڪندڙن لاءِ سندن خوابن جو تصور ڪرڻ ۽ انهن کي جوڙن جو سٺو موقعو فراهم ڪندو آهي.

هن مرحلي تي حصو وٺندڙ پنهنجي خاندان جي طاقتور حصن يا خوبين، ڪمزورين يا جن حصن تي توجهه کي ضرورت آهي، موجوده موقعن ۽ ايندڙ وقت جي خطرن جو هڪ گهرو مطالعو ڪري ڊرائينگ جي ذريعي انهن کي چٽو ڪن.

گهربل مشق: هڪ فلپ چارٽ يا سفيد ڪاغذ جي ساڄي هٿ جي مٿئين ڪنڊ ۾ هڪڙو وڏو گول ناهيو. اهو مستقبل جي نمائندگي ڪري ٿو. اهو چوٽي تي هڪ وڏو دائرو آهي ڇاڪاڻ ته اهو سج وانگر آهي ۽ توهان آسمان ڏانهن ڏسي رهيا آهيو. اهو




خواب آهي جيڪو توهان کي پاڻ کي ڪٽڻ لاءِ حوصلا افزائي ڪندو، ۽ اڳتي وڪ وڌائڻ ۾ مددگار ٿيندوتوڙي جو توهان روڊ تي پيپل پٿرن تي ٿاٻڙجو ٿا يا ٿڪجي پئو ٿا.

هي مرحلي تي هيٺيون لسٽون ناهيو:

1. طاقت: توهان جي خاندان ۾ موجود پيشه ورانه صلاحيتن، قابليتن ۽ خوبين کي لکو

2. ڪمزوريون: توهان جي خاندان ۾ موجود سيني پروفيشنل خرابين، خراب عادتن يا ڪمزورين کي لکو

3. صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ ٻاهرين اثرن بابت سوچيو ۽ خاندان ۾ موجود موقعن جي نشاندهي ڪيو جن مان فائدو نه ورتو پيو وڃي.

4. آخر ۾ توهان کي ڪنهن به ٻاهرين رڪاوٽن جي سڃاڻپ ڪرڻي آهي، جيڪي توهان جي ۽ توهان جي ڪاميابي جي خواب جي وچ ۾ حائل آهن.

2. **خواب ڏانهن سفر (موجوده صورتحال)**


خواب يا تصور تائين پهچڻ لاءِ ضروري آهي تہ موجوده صورتحال جو جائزو ورتو وڃي، ڏکاين ۽ موقعن تي هئڻ تي غور ڪيو وڃي، مقصد مقرر ڪجن ۽ مقرر ڪيل مقصدن ڪي حاصل ڪرڻ لاءِ قدمن جي منصوبہ بندي ڪجي.



پهرئين طريقي جي مقابلي ۾ هن مرحلي جو فائدو اهو آهي تہ شرڪت ڪندڙ پنهنجي خاندان جي پاتين سان گڏجي اهو سوچيندا آهن تہ هو زندگي ۾ ڇا ڇا ڇاهين ۽ مقصد مقرر ڪن ٿا. پوءِ هر خاندان گڏجي ڪم ڪري ٿو تہ جيئن انهن مقصدن تائين پهچڻ لاءِ هڪ مخصوص هدف وارو منصوبو ٺاهيو وڃي. منصوبي تي عمل ڪرڻ لاءِ هن مرحلي وسيلي ضرورتن مطابق ۽ مناسب ترتيبن سان فوري قدم کڻڻ جي ضرورت آهي.

هن مرحلي ۾ انهن قدمن ڪي چٽي نموني سان هيٺ ڏنل مشق سان ڊرائينگ ذريعي ٺاهيو وڃي.

مشق:




فلپ چارٽ جي هيٺئين کابي هٿ جي ڪنڊ تي هڪ ٻيو وڏو گول ٺاهيو. هي موجوده صورتحال جي نمائندگي ڪري ٿو. ٻنهي دائرن کي ڳنڍڻ لاءِ ٻہ سڌيون لائينون ٺاهيو. هي توهان جي، موجوده (هيٺيان) کان مستقبل تائين (مٿي) روڊ جي نمائندگي ڪري ٿو. هي رستو سڌو ۽ مٿانهون آهي، ڇاڪاڻ تہ اهڙيءَ طرح توهان کي اميد آهي تہ توهان پنهنجي خوابن تائين پهچندا.

هيٺئين گول ۾ ناهيو تہ توهان جي موجوده صورتحال تحت توهان جي تصور ۾ هن وقت ڪهڙي قسم جون شيون آهي، مثلا توهان جو گهر ڪيئن آهي ۽ ان گهر جو مالڪ ڪير آهي ؟

مددگار سوال:

1. چونڊيل خواب کي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان جي موجوده صورتحال ڇا آهي؟
2. توهان جون خوبيون يا سنيون ڳالهيون ڪهڙيون آهن؟

3. توهان جون ڪمزوريون ڇا آهن؟
4. ڇا جيڪا ڊرائنگ توهان ڪئي آهي ان جو وجوده صورتحال سان ڪو تعلق آهي؟

## ڏينهن_6

سيشن – 1

نقشي سازي (جاري)

سيشن پلان

: تربيت وننڌڙن کي ماڻهن کي سماجي طور بااختيار بنائڻ لاءِ نقشي سازي جاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 10 بجي کان 1 بجي تائين

اهم نقطا:

3. خواب ڏانهن سفر

- مشڪلاتون ۽ موقعا

4. هدف ۽ منزل جا نشان

طريقي ڪار: گروپ ڳالهه ٻولهه ۽ گروپ ورڪ

**ڪالهوڪي ڪم جو جائزو**

**شرڪت ڪندڙن مان ڪو به گذريل ڏينهن ۾ سکيل معلومات جو مختصر تفصيل ٻڌائيندو**

## 3. خواب ڏانهن سفر

ڪنهن به خواب يا مقصد ماڻڻ لاءِ ان جي راھ ۾ ايندڙ مشڪلاتون جو ادراڪ رکڻ ضروري آهي. ان سان گڏوگڏ ان سفر دوران ڪيترائي موقعا پڻ ملندا آهن، جن بابت به اڳواٽ ڄاڻ رکڻ گهرجي.

مشڪلاتون ۽ موقعا




ڪنهن به مقصد کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي مشڪلاتون۽ رڪاوٽون پيش اچي سگهن ٿيون، انهن کي هڪ جڳھ تي لکيو وڃي ته جيئن انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي سگهجي.

توهان وٽ ڪيترا ۽ ڪهڙا موقعا موجود آهن، جن مان فائدو وٺي خوابن تائين آساني سان پهچي سگهجي ٿو. جيترا موقعا وڌيڪ هوندا اوترو خوابن تائين پهچڻ جو سفروڌيڪ ڪامياب ٿيندو.

خواب جي منزل تائين پهچڻ لاءِ مشڪلاتون تي اڳواٽ نظر رکڻ ضروري آهي، انهن جي اڳڪٿي ڪري انهن کي منهن ڏيڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ گهرجن.

مشق:

چارٽ تي ناهيل رستي جي ٻنهي پاسن جي ٻاهرڪان لکندا: روڊ جي چوٽي تي گهٽ ۾ گهٽ 10 موقعا لکو-




اهي شيون جيڪي توهان کي مٿي ڪڻڻ ۾ مدد ڪنديون.
جيترا وڌيڪ موقعا توهان سوچي سگهو ٿا، اوترو توهان لاءِ اڳتي وڌڻ آسان ٿيندو.

مددگار سوال: هيٺ ڏنل مددگار سوال پڇو:

موقعا:

1. توهان وٽ خواب تائين پهچڻ ۽ ۽ پنهنجي موجوده صورتحال کي تبديل ڪرڻ جا ڪهڙا موقعا آهن؟
2. ڇا توهان کي ڪنهن ماهر جي مدد جي ضرورت آهي؟
3. توهان جي خاندان جا ڀاتي يا خواب جا ساٿي توهان جي مدد ڪري سگهن ٿا؟
4. توهان جا مائٽ توهان جي ڪيئن مدد ڪري سگهن ٿا؟
5. توهان کي ڪهڙي اضافي تربيت ۽ تجربي جي ضرورت آهي؟
6. توهان ڪٿي ۽ ڪنهن کان وڌيڪ معلومات حاصل ڪري سگهو ٿا؟
7. توهان جي خواب تائين پهچڻ لاءِ ٻي ڪهڙي مدد جي توهان کي ضرورت آهي؟

ڏکايون:
گهٽ ۾ گهٽ 10 ڏکايون /رڪاوٽون فلپ چارٽ تي نهيل روڊ جي هيٺئين پاسي کان لکو، ڇاڪاڻ ته اهي شيون توهان کي هيٺ ڇڪي سگهن ٿيون.

اهو ضروري آهي تہ انهن معاملن کان بچڻ لاء جيترو ٿي سگهي اڳواٽ ئي سوچي وٺو.

اهي شيون جيڪي توهان جي ڪنٽرول ۾ آهن اهي روڊ جي ويجهو ٺاهيو. اهي شيون جن تي توهان ڪنٽرول نہ ٿا ڪري سگهو روڊ کان تمام پري رکو.

مددگار سوال:

1. توهان جي خواب جي سفر دوران ڪهڙيون مشڪلاتون سامهون اچي سگهن ٿيون؟
2. ڪهڙيون شيون توهان کي پنتي ڇڪي سگهن ٿيون؟
3. ڇا توهان کي ڪهڙيون پريشانيون آهن؟
4. ڇا توهان جي خاندان جا ڀاتي توهان جي رستي ۾ بيٺا آهن؟

## هدف ۽ منزل جا نشان.4

مشڪلاتون/رڪاوٽن ۽ چيلينجز ڪي سامهون رکي منزل تائين پهچڻ لاءِ ڪجهه ٽارگيٽ يا منزل جا نشان مقرر ڪبا آهن.


اهي منزل جا نشان سمارٽ هئڻ گهرجن.

S.M.A.R.T.




س = سڌا ۽ مخصوص
م = ماپي سگهڻ جهڙا
ا = اصل حاصل ڪري سگهجندڙ
ر= حقيقي طور
ٽ = مقرر ڪيل ٽائيم/وقت اندر

هر سفرجي شروعات ننڍڙن قدمن سان ٿيندي آهي. توهان جي منزل هڪ ڏگهي عرصي جو خواب آهي. هاڻي توهان کي منصوبه بندي ڪرڻ جي ضرورت آهي ته ڪيئن حقيقي طور تي، موقعن ۽ چئلينجن کي ڏسندي، توهان حقيقت پسند ٿي ڪري اڳتي وڌڻ جي شروعات ڪري سگهو ٿا.




مشق: خواب جي اڳيان هڪ گول ٺاهيو ۽ ان ۾ پريو ته توهان هڪ سال اندرخواب ڏانهن ڪيتري حد تائين پهچي سگهو ٿا. پوءِ ٽن يا چار اهم نقطن تي گول پايو، جتي توهان کي توقع آهي ته رستي تي سفر دوران توهان ڪهڙا منزل جا

نشان (سنگ ميل) حاصل ڪري سگهو ٿا. گولن جي وچ ۾ ڪجھ جاءِ ڇڏي ڏيو جتي توهان عملي ڪم ڪندا.

مددگار سوال:

1. خواب جا هدف ڊرائنگ ڪرڻ وقت توهان ڪهڙا اشارا استعمال ڪيا؟
2. توهان پنهنجا خواب ڪيتري وقت ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا؟
3. اهي هدف حاصل ڪرڻ سان ڇا توهان جو خواب پورو ٿي سگهي ٿو؟
4. ڇا هي هدف سمارٽ اشارن کي پورو ڪن ٿا؟

ان کان پوءِ:

- چارٽ تي جوڙيل روڊ تي 3 ڪارا گول ناهيو
- اهي ٽئي گول جيڪي اندران خالي هجن، توهان جي موجوده صورتحال واري گول ۽ توهان جي هدف واري گول جي وچ تي هئڻ گهرجن
- انهن گولن کي سائيز ۾ وڏوهئڻ گهرجي ڇاڪاڻ ته انهن ۾ ايندڙ مرحلن دوران توهان کي ڪجھ ناهڻو آهي

مددگار سوال

1. منزل جي نشانن جي مقصدن جي نشاندهي کان ڇا توهان اهي سمجهو ٿا اهي مقصد توهان جي هدف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي آهن؟
2. ڇا اهو ممڪن آهي تہ توهان جي مستقبل جو خواب صرف توهان جي منزل جي نشانن جي مقصدن ۽ مکيہ هدف جي ڊرائنگ تي ٻڌل آهي؟
3. منزل جي نشان جا مقصد حاصل ڪرڻ لءِ توهان کي ڪهڙا قدم کڻڻ گهرجن؟

سيشن – 2

## نقشي سازي (جاري)

## سيشن پلان

: تربيت وننڌڙن کي ماڻهن کي سماجي طور بااختيار بنائڻ لاءِ نقشي سازي چاڻ ڏيڻ مقصد

وقت: 2 بجي کان 5 بجي تائين

اهم نقطا:

5. سرگرميون / عمل جو منصوبو

طريقي ڪار: ڳالھ ٻولھ ۽ گروپ ورڪ

### سرگرميون / عمل جو منصوبو .5

هي مرحلو سڀ کان وڌيڪ اهم آهي، جنهن ۾ عملن جو منصوبو بنائجي ٿو ته جيئن هڪ منزل جي نشان کان ٻئي منزل جي نشان تائين ترقي ڪري سگهجي.



- هر هڪ پنهنجي پنهنجي خواب ڏانهن سفر ڪري ٿو/ٿي.
- پنهنجي موجوده صورتحال جو تجزيو ڪري ٿو/ٿي.
- معلوم ڪري ٿو/ٿي ته ان جون قوتون ۽ ڪمزوريون ڪهڙيون آهن
- موجوده صورتحال جو تجزيو ڪرڻ کان پوء، موقعن ۽ ڏکاين جي سڃاڻپ ڪريو، جو ته سفر دوران توهان کي ضرورت پوندي ته ڪنهن تي اعتبار ڪري سگهو ٿا ۽ سفر ۾ ڪهڙيون رڪاوٽن کي منهن ڏئي سگهو ٿا.
- موجوده صورتحال جو تجزيو ڪرڻ کان پوءِ، توهان هڪ هدف مقرر ڪيو ٿا، جيڪو توهان کي خوابن تائين پهچائڻ ۾ مدد ڪندو
- هر هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ، توهان منزل جا نشان ناهيو ٿا هر هدف کي حاصل ڪرڻ لاءِ ڪهڙن عملي قدمن جي ضرورت آهي


مشق:

هاڻي توهان پنهنجي سنگ ميلن کي پرڻ لاءِ تيار آهيو - هر گول دائري ۾ توهان وجهو ٿا ته توهان کي هر دفعي ڪيترو پري وڃڻو آهي. خاص طور تي سڀ کان پهرين گول تي ڌيان ڏيو. پوءِ هر هڪ سنگ ميل جي وچ ۾ توهان هڪ کان ٻئي ڏانهن وڃڻ لاءِ گهربل عملن کي وجهڻ شروع ڪريو اگر

ضروري هجي ته هر سنگ ميلن ۾ مقصدن تي ٻيهر نظر وجهندا وجو. توهان پوءِ وقت گذرڻ سان گڏوگڏ ان جي پيش رفت کي نظر رکوۋ پنهنجي ڊرائنگ کي ترتيب ڏيو جيسيتائين پنهنجي خواب ڏانهن وڌي سگهو، ايسيتائين پنهنجي ڊرائينگ ۾ تبديلي ۽ بهتري آڻيو.

مددگار سوال:

پهرين، ٻئي ۽ ٽئين منزل جي نشانن جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ توهان کي ڪهڙن قدمن جي ضرورت آهي؟




1. توهان کي ڪيترو وقت گهرجي؟
2. توهان کي ڪيتري رقم جي ضرورت پوندي؟
3. ڇا اهي عمل جا قدم واضح طور تي ظاهر ڪيا ويا آهن؟
4. ڇا اهي عمل وارا قدم سمارٽ آهن؟

ورڪشاپ کان پوءِ به شرڪت ڪندڙن کي پنهنجي خوابن ڏانهن سفر تي ڪم جاري رکڻ گهرجي

گهر ۾ خواب ڏانهن رستي بابت تاهيل ڊرائنگ ۾ تبديليون ڪندو رهجي ۽ ان ڪي ڪا حتمي شڪل ڏجي.

شرڪت ڪندڙن ڪي فوري طور تي قدم کڻڻ شروع ڪرڻ گهرجي

انهن کي ياد رکڻ گهرجي تہ جيڪڏهن اهي گهرو ڪم نہ ڪندا ته اهي پنهنجا خواب حاصل نه ڪري سگهندا

چارٽ تي مختلف رنگن جا نشان لڳايو:

حاصل ڪيل شيون - ڳاڙهو رنگ
جن شين ڪم نه ڪيو – نيرو رنگ
شيون حاصل نہ ٿيون پر اجا بہ منصوبابندي ۾ شامل آهن – سائو رنگ

## ڏينهن_7

سيشن – 1

نقشي سازي (جاري)

سيشن پلان

: مقصد

وقت: 10 بجي کان 1 بجي تائين

اهم نقطا:

گهٽين لين واري هاءِ وي جو روڊ ميپ ٺاهڻ

مشق

**ڪالهوڪي ڪم جو جائزو**

**شرڪت ڪندڙن مان ڪو به گذريل ڏينهن ۾ سکيل معلومات جو مختصر تفصيل ٻڌائيندو**

**گھٽين لين واري هاءِ وي جو روڊ ميپ ٺاهڻ**

**هي ٽول حصو وٺندڙن کي اجازت ڏئي ٿو ته پنهنجي مستقبل جو تصور ڪن ۽ جيڪو ڪجھ هو حاصل ڪرڻ چاهين ٿا ان**



**کي نوس انداز ۾ ۽ ٽائيم لائين ذريعي ٻڌائين.**

**پنهنجي خواب کي حاصل ڪرڻ لاءِ اهي پنهنجي موجوده صورتحال جو جائزو وٺي ممڪن آمدني پيدا ڪندڙ سرگرمين جو هڪ نقشو تيار ڪن ٿا.**

**ان گھڻ لين هاءِ وي جي روڊ ميپ جي مٿين لين آمدني جي ذريعن کي پيدا ڪرڻ لاءِ هوندي آهي، جڏهن ته وچين لين گھريلو صنفي مسئلن متعلق ۽ هيٺين لين کي سماجي بااختياري جي مسئلن طور ظاهر ڪبو آهي.**

**مٿين لين روزگار جي مختلف ويليو چين سان ڳنڍيل هجي ٿي چاڪاڻ ته تصور ڪندڙ کي خبر آهي ته هن وٽ آمدني جا ڪهڙا وسيلا موجود آهن ۽ هو اهڙن ٻين ڪهڙن آمدني جي ذريعن کي پنهنجي حالتن پٽاندر استعمال ڪندي آمدني وڌائي سگھي ٿو/ٿي. وچين لين جيئن ته عورت ۽ مرد جي پيداواري**

وسيلن کي حاصل ڪرڻ جي گڏيل ذميداري متعلق آهي ان ڪري هر فرد کي پيداواري سلسلي ۾ برابر جو شريڪ ٿيڻو آهي.

هيٺين لين قدرتي طور تي گهرجي پاتين کي مجموعي طور تي هڪ تنظيم سان جوڙي ٿي ته جيئن مارڪيٽ جي صورتحال مطابق هلي سگهجي. هڪ هاريءَ اڪيلو ڪم ڪندي مارڪيٽ ۾ اثر وجهڻ ۾ ناڪام ٿي سگهي ٿو ان ڪري تنظيم طور گڏجي هلڻ ئي واحد حل آهي.

مشق:

هر تربيت ونندڙ پنهنجي خاندان جو گهڻ لين جي هاءِ وي جو نقشو ٺاهي.

- هاءِ وي جي ٽاپ لين يعني چوٽي تي خوشگوار زندگي لاءِ ويزن روڊ کي ٺاهيو وجي
- وچ واري لين ۾ صنفي لاڳاپن ۾ آيل تبديلين کي واضح ڪيو، جيڪي عورتن ۽ مردن کي سندن گڏيل مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل هوندا آهن
- هيٺين واري لين ۾ ان خواب ۾ شامل باقي سيني ماڻهن رکيو وجي

## سيشن – 2
## تربيت بابت جائزو ۽ اختتام

## سيشن پلان

: تربيت وٺندڙن جو تربيت کان پوءِ جو جائزو ۽ راءِ مقصد

وقت: 2 بجي کان 4 بجي تائين

اهم نقطا:

- تربيت بابت شرڪت ڪندڙن جي راءِ
- تربيت جو جائزو
- شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽن جي ورهاست
- اختتامي ڳالھ

تربيت بابت شرڪت ڪندڙن جي راءِ

تربيت حاصل ڪندڙن ۾ راءِ ڏيڻ جو فارم ورهايو ويندو، جنهن ڪي هر شرڪت ڪندڙ پريندو.

تربيت جو جائزو

ٽرينر تربيت بابت پنھنجي راءِ ڏيندو.

شرڪت ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽن جي ورهاست

**اختتامي ڳالھ**

**خاص مهمان جي تقرير**

**تربيت ڏيندڙن جي تربيت**

**تربيت کان پهريائين جو جائزو**

**تاريخ:** ----------------- **هنڌ:** --------------------------

1. هينين مان هڪ تي نشان لڳايو:

| 1% کان 100% تائين اندازو لڳايو توهان کي ڪيتري معلومت آهي. | 0% | 20% | 40% | 60% | 80% | 100% |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سوشل موبلائيزيشن ۽ ان جا مرحلا | | | | | | |
| پائيدار ترقياتي جا مقصد (ايس جي ڊي) | | | | | | |
| صنفي برابري ۽ انصاف | | | | | | |

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | اسان جا حق (پاڪستان جي قانون ۽ اسلام جي پس منظر ۾) |
| | | | | | | جنس ۽ صنف ۾ فرق |
| | | | | | | صنفي توازن جو وڌ |
| | | | | | | تنظيم جي انتظام ڪاري |
| | | | | | | ڪميونٽي ليڊرشپ |
| | | | | | | پيروڪاري |

2. هن تربيتي ورڪشاپ مان توهان جون ڪهڙيون اميدون آهن؟

----------------------------------------------------------------------------------------------------

----------------------------------------------------------------------------------------------------

----------------------------------------------------------------------------------------------------

----------------------------------------------------------------------

**تربيت ڏيندڙن جي تربيت**

**تربيت کان پوءِ جو جائزو**

**تاريخ: ------------------    هنڌ: ----------------------------**

**1. تربيت کان پوءِ توهان کي ڪيتري معلومات ملي آهي. هيٺين مان هڪ تي نشان لڳايو:**

| 1% کان 100% تائين اندازو لڳايو توهان کي ڪيتري معلومت آهي. | 0% | 20% | 40% | 60% | 80% | 100% |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سوشل موبلائيزيشن ۽ ان جا مرحلا | | | | | | |
| پائيدار ترقياتي جا مقصد (ايس جي ڊي) | | | | | | |
| صنفي برابري ۽ انصاف | | | | | | |
| اسان جا حق (پاڪستان جي قانون ۽ اسلام جي پس منظر ۾) | | | | | | |
| جنس ۽ صنف ۾ فرق | | | | | | |
| صنفي توازن جو وڻ | | | | | | |
| تنظيم جي انتظام ڪاري | | | | | | |
| ڪميونٽي ليڊرشپ | | | | | | |
| پيروڪاري | | | | | | |

2. هن تربيتي ورڪشاپ مان توهان جيڪو ڪجهه حاصل ڪيو آهي، ان بابت مختصر لکو؟

-----------------------------------------------------------------------------------------------------------

-----------------------------------------------------------------------------------------------------------

------------------------

3. مستقبل ۾ اهڙي قسم جي تربيت کي بهتر بنائڻ لاءِ ڪجهه تجويزون لکو

-----------------------------------------------------------------------------------------------------------

-----------------------------------------------------------------------------------------------------------

------------------------